سنت مالا

١٦٥٩ - ١٦٦٢

آگسٽ - سپٽمبر ٢٠١٠

شري سکمني صاحب جو سنيھو

(٢٥)



١٠ رپيا

واسواڻي

وشيہ سوُچيِ

سمرپن

سنت پلتوَ

جي ڪمل قدمن ۾!

هي من کھڙو نہ چنچل آهي! گيتا ۾ ارجن شري ڪرشن
کي چويٿو:- ”هي ڪرشن! هي من چنچل، ڏاڍو ڏنگو
آهي زور وارو، وايوءَ کي روڪڻ آهي ڏاڍو مشڪل، من بہ
تئن طوفان سارو.“

پوءِ اِهو من ڪئن وس ۾ اَچي؟ گروجن چونٿا:-

”من پربوڌھہ، هرڪيءَ ناءُ،
دھہ دس ڌاوت، آوئي ٺاءِ.“

پيارا! اِن پٽڪندڙ من کي پربوڌ ڏي، سمجھاءِ،
پر ڇا سان؟ هريءَ جي نام سان. ڪيڏي نہ appealing tone
۾ پيارو دادا چويٿو. ”ويچارو من پٽڪيو آهي، اُن کي
سکيا ڏيو:- ”هي من! هري نام ياد ڪر تہ تون اَسٿر ٿين
۽ چنچلتا کان ڇٽين! هي من! ڏاڍو پٽڪيو آهين، ڏاڍو
رئاريو اَٿيئي. اِن ڪري هي من! اُٿ جاڳ! ننڊ نہ ڪر،
غفلت ۾ نہ ويھہ. نام جپ، نام ڳاءِ!“

شل پياري دادا جي اها پڪار ٻڌوُن، اِهو منو آواز
اُنايون ۽ دل جي دل ۾ من کي سمجھايون. پر هن داس جو
تہ آزمودو آهي تہ هي من، هي باغي من منهنجي تہ
ڳالھہ ٻڌي ئي نٿو. مان تہ وري وري ڪري ٿو پوان. ۽ اِن
ڪري هن ويچل دل مان اُٿي ٿي مني مرشد جي در، مني
دادل شاہ جي در هيءَ پڪار:-

هِن مَنَ اُٿاريو آهي اَندر آزار؛

ٻه اَکر

سنت مالا جو نئون نمبر ”شري سکمني صاحب جو سنيهو (٢٥)“ هينئر پرڪاش ٿئي ٿو.

شري سکمني صاحب گرو ارجن ديو جن جي ٻاڻي اَهڙي سرل ۽ مٺي آهي جو ڪيترائي سنڌي ڀائر ۽ ڀينر اِن ٻاڻيءَ جو ڪجهه نه ڪجهه پاٺ ڪندا آهن. سمجهڻ ۾ آهي سولي پر ڪيڏي نه اوُنهي ٻاڻي آهي. ۽ پياري دادا مهر ڪري اِن ٻاڻيءَ مان هروز زور ڪونه ڪو وچن ڪٺي اُنتي اُپديش ڏنا آهن. تن مان ڪي ٿورا هن نمبر ۾ ڏنا اٿم.

شري سکمني صاحب جو سنيهو ڪهڙن اکرن ۾ آهي؟ پيارو دادا چويٿو:- ”اَسين ترشنا جي، وڪارن جي باهين ۾ پيا جلون!“ ۽ اَسان مان هڪ هڪ کي آزمودو آهي ته ڪيڏا نه وڪار اَسان مان هڪ هڪ جي اندر آهن. گروجن چونٿا، اِهي باهيون وسايو نام جل سان. ۽ نام جل مليٿو سنتن جي سنگ ۾! سنتن جي سنگ ۾ نه فقط وهو، پر سنگ ڪمايو. اِنڪري نام جو پنهنجي جيون ۾ اَڀياس ڪريو!

شري سڪمني صاحب جو سنيهو

(٢٤٠)

مشڪل مسافري

جهہ مات پتا سُت ميت نہ ڀائي

مَن اوُها نام تيريءَ سنگہ سهائيِ (٢-١-١)

جت (موُت جي مسافريءَ ۾) نہ ماتا، نہ پتا، نہ پٽ، نہ متر نہ ڀاءُ سنگيِ ساٿيِ آهي، اُت اَءِ من! نام ئيِ توسان سنگہ رهندو ۽ تنهنجو مددگار ٿيندو.

جهہ مَها ڀيان دوُت جَم دَليءَ

تهہ ڪيوَل نام سنگہ تيريءِ چليءِ (٢-١-٢)

جت ڏاڍا ڀيانڪ ڪال جا دوُت ستائين ٿا، اُت توسان هڪڙو نام ئيِ سنگہ هلندو.

هينئر اَچو تہ وڌيڪ ويچار ڪريون. هن پوڙيءَ جا ٻہ پد اَسان پورا ڪيا. پر ٻئي پد تي پوري ڪرڻ واسطي هڪ ڳالهہ مون کي چوڻي آهي. سا ڪهڙي؟ اَوهان مان هڪ هڪ کي ٽي سرير آهن: (١) ڀهريون سرير اِسٿول سرير. (٢) ٻيو سرير آهي سوڪيم سرير. اُهو سوڪيم سرير آهي ٽن پرڪارن جو.- Three levels . هڪ جو نالو The body ether . اُهو سرير جو آڪاش مان ٺهيل آهي. (٢) ٻيو level ڪهڙو؟ جنهن کي

پر دل ۾ دادل! آهي تنهنجي درڪار!
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
وڏي ڪين تو منا! ڪوئِي ڪم ڪار؛
فقط ڪريان سانت ۾ توکي پياس پڪار!
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
نہ ڪنهن سين سليان هي سڪ جو تہ سوُر؛
پر مَن بہ اُتارِي تو لهرون ضرور!
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
هن مَن سان پڇي توبن بيو ڪير؟
دادل! آجا، آجا! ڪرنا دير!
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
جهڙِي تهڙِي آئِي آهيان شرن تهاري؛
چاڙهي باجهہ بيڙِيءَ ونِي هل هُن ڪناري!
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
تون رحمِي آهين دادل! رحم ڪر اءِ راڻا!
ڏسِي آسرونتيءَ جا حال نماڻا، ويڳاڻا،
ڏي نوُرِي نشو مون کي نام جو!
پوُنا آتما واسواڻِي

جن جو emotional سرير آهي، جن جو سرير آهي ڪنو، ملين. اِهو ٻيو پاڳو.

(٣) ٽيون level چا آهي؟ The mental body. ڪيترا آهن، جن پنهنجو من ٺاهيو آهي. اُهي سٺا پستڪ پڙهن ٿا. اُنهن جو من ٺهي ٿو. پر ويچارن ڪي مڪتي ڪانهي تہ بہ چڱيءَ دنيا ۾ رهن ٿا. وڏا ودوان، وڏا فيلسوف، وڏا Artists ، وڏا Musicians ، اُهي سٺو من ٺاهين ٿا. پر مڪتي نٿا پائين. مڪتيءَ جي منزل تہ اهي پري پري. پر اُهي ڪجھ وقت يا ڪيترو وقت اُنهن جي قطار ۾ مون کي وجھڻ ڪپن ڪيترا شيوڪ، پراُپڪاري، جي پڇ ڪن ٿا، ڪي شيوا ڪن ٿا، اُهي بہ سرڳہ ۾ وڃن ٿا. وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ اَچن ٿا.

(٣) ۽ ٽيون سرير بہ آهي. اُن جو نالو ڪارڻ سرير. ڪارڻ چا آهي؟ اُهو ئي ڪارڻ آهي، اُهو ئي بنياد آهي. هنن ٻن سريرن جو بنياد آهي هي ٽيون سرير. تڏهن سوال اُٿي ٿو، اِهو ڪارڻ سرير چا آهي؟ اُن کي اَنگريزيءَ ۾ ڪونين The casual body . اِن ڪارڻ سرير جي مکيہ نشاني چا آهي؟ بنياد چا آهي؟ اُن کي اَنگريزيءَ ۾ چون The sense of individuality. مان مان، آپو. جي آپو مٽي وڃي، جي آپو هليو وڃي، پوءِ وڏيڪ چا کپي؟ آپو ويو تہ منهنجو پريتم آيو. خوديِ ويئي تہ خدا آيو. ڪيترا ماڻهو

ڪوٺين astral body . اُهو سرير جو ترشنائن مان ٺهي ٿو. اُهي ترشنائون اِنسان کي هلاڪ ڪن ٿيون. هن وقت ورِي ٻه ڪي ترشنائون بند آهن ۽ اِسٿول سرير جي ڪري ڪيتريون ترشنائون لڪائي سگهون ٿا. اَوهان کي ڪهڙِي خبر، منهنجي اَندر ڇا ڇا ڪيترا، منهنجي اَندر وڪار ڪيترا. مان لڪائي سگهان ٿو. اَوهين مون کي ڪوٺيو ٿا ساڌو. ساڌو معنيٰ چڱو. هڪ سائين چاٽي. مان اِسٿول سرير ۾ پنهنجا وڪار لڪائي سگهان ٿو، پر سوکيم سرير مان سڀ پيو ٻاڪي. جئن آرسيءَ ۾، جئن شيشي ۾ توهين ڏسِي سگهو. اُتي ترشنائون ڪئن لڪائي سگهو؟ جن کي ترشنائون ڏاڍيو ستائين ٿيون، اُهي ڪِنن روحن جي اَثر هيٺ اَچن ٿيون. ڪي ڪِنا روح آهن، ڪي چڱا روح آهن، جن کي چئون فرشتا، ديوتا. اُهي فرشتا سٺا روح. پر ڪي ڪِنا روح آهن،- The dark spirits. اُنهن روحن جي اَثر هيٺ اَچِي ٿين ٿا اُهي، جن کي گهڻيون ڪِنيون ترشنائون آهن. جئن هن دنيا ۾ ڪي ڪي ڪِني سنگ ۾ ڪِري پون ٿا. تئن پرلوڪ ۾، روحاني دنيا ۾ ويچارا اُهي، جن جون ترشنائون ڪيتريون آهن ۽ ڪِنيون آهن، اُهي ڪِنا روح آهن دوُت، جن جو ذڪر گروجن ڪن ٿا.

جهه مَها پَيان دوُت جَم دَليءِ (٢-١-٢)

اُهي ڪِنا روح اَچِي اُنهن دلين کي ٿا ستائين،

۾ اَڙيل آهن. اُهي سئيءَ جي پاکي مان لنگهي نہ سگهن. سائينءَ جي دربار ۾ دروازو آهي سنهڙو، سئيءَ جو پاڪڙو. اُن سئيءَ جي پاکي مان لنگهڻو آهي. ڪئن لنگهي؟ جو اَيمان چڙهي. جو پنهنجو متو عرش ۾ ڪري پيو گهمي، سو سئيءَ جي پاڪيڙي مان ڪئن لنگهي سگهي. جو ننڍڙو نماڻو، سو آسيس پائي، ستگر جي مهر پائي، اُهو سئيءَ جي پاڪيڙي مان لنگهي، گوبند جا گيت ڳائي.

اِهو ٿيون سرير ڪارڻ سير. مشڪل آهي هيءَ مسافري. موت جي مسافري مشڪل آهي. خاص ڪري ڪارڻ سرير جو موت مشڪل آهي. پر مشڪل ٿئي آسان، اُن واسطي جو هرِي نام ڳائي. هرِي نام ڳايو. جي روح وڃن ٿا ۽ هرِي نام ڪين سکيا آهن. آ! اُنهن مان ڪيترن کي ڪِنا روح اَچِي ستائين ٿا. اُهي ڏاڍو مشڪل وقت گذارِين ٿا. پر تن واسطي بہ اُميد آهي.

گروجن چون ٿا: سڄو وِشوَ، سڄو سنسار، اُن ۾ سڄي پرٿوي بہ اَچِي ويئي، ٻيا گرہ (Planets) اَچِي ويا. هڪ هڪ واسطي ٻج آهي اُميد جو ۽ اُنهن کي، جن کي ڪِنا روح اَچِي ٿا ستائين، تِن واسطي بہ اُميد آهي. اُن روحاني دنيا ۾ اَتو منڊليون، سنتن جي خدمتگارن جون منڊليون، فرشتن جون منڊليون. اُهي فرشتن جو منڊليون اُنهن جي مدد لاءِ وڃن ٿيون، ۽ اُنهن کي چون ٿيون:

ڏاڍا چڱا، گڏونت، پر پريوءَ کان پري. گڏونت اِنسان: اُنهن کي آپو، اَيمان. اِهو اَيمان وڃي ٿو پڇاڙيءَ ۾.

ڪارڻ سرير آهي مان مان. ڪارڻ سرير ڇا آهي؟ چون ٿا تہ ڪارڻ سرير آهي هڪ point. ننڍڙي سنهڙي پائنٽ آهي. پينسل جي هڪ dot کان بہ ننڍڙي آهي اُها dot مان مان! مان مان آهي ننڍڙو سنهڙو ٻج. اُنهيءَ ننڍڙي ٻج مان اُتپن ٿئي ٿو جيڪي اِنسان جي زندگيءَ ۾ ڏسو ٿا. ڪم ڪاريون، پئسو پدارٿ، مان شان، اُهو ڏسو ٿا. اُهي اَچن ٿا هڪ ننڍڙي پڇڪري ٿونگري مان.

جڏهن ڪارڻ سرير جي موت ٿئي ٿو، تڏهن اَچي ٿو ڏينهن سڀاڳو. اِهو ڪارڻ سرير ڇا ۾ وڃي؟ سائينءَ جي مهر ۾. Extinguish in the grace of God . جڏهن مهر ۾ اِهو سرير سڙي مري وڃي، تڏهن ملي ٿي اُها مڪتي منزل. تنهنڪري درويشن جي سکيا آهي فنا ٿيو! فنا ٿيو!

جگياسو پڇي ٿو: ء ائين! مان ڇا ٿيان؟

درويش چوي ٿو:- ڪجهہ ڪين! ڪجهہ ڪين! سائينءَ جي در تي ٿي بيهو بڪاري، ڪجهہ ڪين! پوءِ تڪرار ڇا جو؟ اَيمان ويو تہ تڪرار ڇا جو؟ چڱن ماڻهن کي اَتو هيءُ اَيمان، چڱا ماڻهو سنگر جي دربار ۾ ويهي ڪين سگهن. تڏهن ڪير ويهي سگهن؟ گنهگار، پاپي مون جهڙا. چڱن ماڻهن واسطي ڪين آهي دربار ستگر جي چو تہ اُهي اَڊمبر

(۲۴۱)

گرمکہ ٿيو

اَشٽپدي ۲، پؤڙِي ا جي ٽئين پد ۾ گرجن چون ٿا:-

جهہ مُشڪل هوويءَ اَت ياري

هَرڪو نامر ڪِن ماهِہ اُڌاري (۲-۱-۳)

جهہ معنيٰ جت. اُت موت جي مسافريءَ ۾ ڏاڍيون مشڪلاتون آهن. ڏسو، گرمي ٿئي ٿي، اَسين ڪٿ نہ منجهيل رهون ٿا. گرميءَ جي گرمي اَٿو ترشنا. جڏهن ترشنائون اُٿن ٿيون، تڏهن ڏاڍو تڪليف ڏين ٿيون. پر ويچارن ڪي اِسٿول سرير ڪونهي، جو ترشنائون پوريون ٿين. ڪي لوڪ، اُنهن ڪي پياس رُپين واسطي. پوءِ ڇا ٿئي؟ اُها ترشنا اُنهن جي اَڳيان رپين جون شڪليون رکي. پوءِ اُهي شڪليون آهن ڪکرن وانگر، پاڇن وانگر. چون: اَسين هي ڪٺون ٿا، پر اُهي رپيا تہ آهن ڪکر ۽ پاڇا. وري بيون شڪليون ڏسن. ٻوڙون پائين: اُنهن ڪي وڃي ڇُهن پر اُيو شڪليون بہ آهن جئن پاڇا، جئن ڪکر، ۽ اُهي روح وري وري نراس ٿين. ترشنائون سندن اُٿيل،

هرِي نامُ ڳايو. تنهنڪري گروجن چون ٿا:-

تَهه ڪيوَل نامُ سنگهه تيريءِ چليءِ (٢-١-٢)

اُتي هلي ٿو هرِي نامُ. اِن ڪري هرِي نامُ ڳايو. جيڪو وقت اَوهان کي ملي، اُهو وقت نه وڃايو. ڳايو هرِي نامُ! هرِي نامُ! وهنوار وچ ۾، آفيس جي ميز تي، سووَت جاڳت ڳايو. ڳايو هرِي نامُ! هرِي نامُ ڳايو! هرِي نامُ ڳايو! پنهنجو مانکه جنمُ سڦل ڪريو!

ڪرم ڪانڊ جو ڳالهيون ڪريون، آ! پر ڇا مليو؟ اُت پترِي لوڪ ۾ جي پيارن جي سهايتا ڪرڻي آهي ته هري نام جي سهايتا موڪليو. اُت هري نام جي آسيس پهچي ٿي. ٻاهريان ڪريا ڪرم نٿا تارين. اِئين گروجن چون ٿا.

اَڪثر ڇا آهي؟ مون گنگا ڪناري تي ڇا ڏٺو؟ اُتي پانڊا. پانڊا چون: هي رپيا ڏيو. ۽ ڪيترا پائر پينر اِئين رپيا ڏين ۽ اِئين پيا سمجهن ته پيارن کي اِهو فائدو پهتو. اِهي ٻاهريان ڪريا ڪرم آتمائن کي نٿا پهچن. اُت پهچي ٿي آسيس، شڌ دل جي آسيس. جو پريوءَ کي پڪاري ٿو:- پريو! منهنجن پيارن تي تون آسيس ڪر!

هَرِ ڪو نام ڪوٽِ پاپ پَرَ هريءِ (٢-١-٢)

پرهريءِ معنيٰ ناس ڪري ٿو. ڪوٽِ پاپ معنيٰ ڪروڙين پاپ هڪ هريءِ جو نام ناس ڪري ٿو. پر پانڊن کي توهان ٥٠ رپيا ڏنا، يا ١٠٠ رپيا ڏنا، اُن مان ڇا ٿيو؟ توهان گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪيو، سرسوتيءِ ۾، جمنا ۾، سنڌوُنديءَ ۾ اَوهان اِشنان ڪيو، اَوهان کي ڇا مليو؟ سچيءَ دل سان، نرمل دل سان هري نام ڳايو، هري نام ڳايو. هڪ ڪوڏي به خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. هزارين رپيا وڃي ٿا خرچ ڪريو، ڇا جي واسطي؟ هري نام ڳايو. گروجن چون ٿا: هري نام ڳايو ته اَوهان جا پاپ ناس ٿين.

هينئر اَچي ٿو پڇاڙيءَ جو پد:

پر سندن ترشنائون پوريون ٿين ڪين. اَهڙا روح اَهڙين مشڪلاتن ۾ اَچن ٿا. تن لاءِ بہ هڪ واهہ هيءَ آهي. جي ڪٿي نام ڳائين تہ اُنهن روحن جي اَندر جا ترشنا جيءَ رمي آهي، اُها هلي وڃي.

''اَت ياري'' معني ڏاڍيون ڀاري مشڪلاتون اَٿيئي پيارا! اُت بہ نام سيتل ڪري ٿو. هڪ ڪن ۾ ترشنائن جي گرمي هلي وڃي. جي اُهو نام جپي. اُهي روح ڪن ۾ تري وڃن.

پوءِ اَچي ٿو چوٿون پد:

اَنِڪَ پُنَهچرن ڪَرت نَهي تَريءِ

هَر ڪو نام ڪوٽِ پاپَ پَرَ هريءِ (۲-۱-۴)

پهرين اَچو تہ اَکري معني سمجهون. اَنِڪَ معني اَنيڪ. پُنَهچرن معني پڇتاءُ. ڪَرت معني ڪريا ڪرم. ڪو پاپ ڪري، اُن کي چون: وڃ ڪاشيءَ. ڪو ڪنهن جو موُت ڪري، چونس: وڃ، گنگا ۾ وڃي اِشنان ڪر. اَهڙيءَ طرح ڪيترا نہ اِشنان ڪن ٿا. ڪيترا نہ يگيہ ڪن ٿا تہ پاپ لهن.

گروجن چون ٿا: پياري! اِهي ٻاهريان ڪريا ڪرم اَوهان کي روحاني دنيا ۾ مدد نٿا ڪن. پر ماڻهو ويچارا تہ ٻاهرين ڪريا ڪرمن ۾ اٽڪيل آهن. چون: اَسين هي ٻاهريان ڪريا ڪرم ڪريون تہ اُنهن جو ڦل اَسان جي پيارن کي اُت ملي ويو. اِهي ڪريا ڪرم فائدو اُت نٿا پهچائين. تڏهن فائدو ڇا مان ٿو پهچي؟ اَنيڪ ڪريا ڪرم ڪريو،

(٢٤٢)

ڪئي اَتيئي ڪا تياري؟

اَشٽپدي ٢ جي پھرين پؤڙيءَ جو تاتپرج اُوھان جي اَڳيان رکان-

پھرين ڳالھہ ھن پؤڙيءَ ۾ گرجن ٻڌائي تہ ھڪ مسافري اَتو، - مؤت جي مسافري. وڏي مسافري اَتو، مشڪل مسافري. ھڪ ھڪ اِھا مسافري نٿو ڪري سگھي. پر ھڪ ھڪ کي ھلڻو آھي. پھرين ڳالھہ اِھا گروجن ٻڌائين ٿا، مؤت جي مسافري، اُن واسطي ڪريو ٿا ڪا تياري يا نہ؟ ڏسو، اوچتو ئي اوچتو ڪئن نہ پيارا ھليا وڃن ٿا. پوءِ ڇا تو ٿئي؟ پھريون ويچار مؤت جي مسافري وڏي آھہ: مشڪل آھہ، پر گھڻا تياري ڪن ڪين ٿا

ٻيو ويچار ھي تہ ڪيترن کي ڪنا روح اَچي ستائين ٿا. ڪنا روح اَتو. جئن ھن دنيا ۾ ڪنا ماڻھو اَتو. ڪنا ماڻھو خوش ٿين، جڏھن ٻين کي ھلاڪ ڪن. اَھڙا ماڻھو پيا اَتو، جي ننڍن ٻالڪين کي ڦاسائي اُنھن جا زيور ڪڍي اُنھن جو خون ڪن ٿا. ڪي ڪنا روح بہ اَتو.

گُرمکہ نام جپهہ من ميري،
نانڪ پاوهہ سوُکہ گهنيري. (٢-١-٥)

گروجن نئڙت ۾ چون ٿا: هي منهنجا من! جي اِئين آهي تہ تون نام جپ. ٻاهرين ڪريا ڪرمن ۾ تون ڇو اَٽڪيو آهين؟ منهنجا من! تون نام جپ.

ڪئن نام جپيون؟ سوال اُٿي ٿو ۽ گروجن اِشارو ڪن ٿا: گرمکہ، گروءَ جي مکہ مان جو نام ملي ٿو، اُهو تنهنجو اُڌار ڪندو. گروءَ جي تلاش ڪريو. اُن جي شرڌا ۾ هلو. اُن جي حڪم ۾ هلو. اُن جي آگيا ۾ هلو تہ هوُ راضي ٿي هڪ ڏينهن اَوهان کي منتر ڏيندو. اُهو اَٿو نام. گروءَ جي مکہ مان مليل منتر، اُهو اَٿو نام. ڏسو، اوهان کي ڇا نٿو ملي! گروءَ جي مکہ مان جو منتر ملي ٿو، اُن ۾ آسيس وجهي ٿو. اُهو منتر ٿئي ٿو آسيس جو مرڪز A centre of blessings. اُن منتر ۾ آهن آسيس جون لهرون. اَهڙو منتر وٺي توهين سانت ۾ جپيو. ڏسو، اَوهان جي آتم شڪتي ڪئن کلي ٿي. لوڪ ويچارا دکي آهن، ڇو تہ پاڻ ٿي پارين ٿا. اَسين نربل. اَسان کي طاقت ڪهڙي؟ لوڪ ويچارا بيمُکہ ٿي پيا رُلن. گروجن چون ٿا: گروءَ جي مکہ مان جو منتر ملي، اُهو اُچاريو. گروءَ جي مکہ مان جو منتر ملي، اُهو جپ. پوءِ تون پائيندين سوُکہ گهنيري. پوءِ تون گهڻيئي سکہ پائيندين. هي من ميري! اِهي اَکر گروجن پاڻ کي چون ٿا: گروءَ جي مکہ مان، هي من ميري! تون منتر وٺي نام جپ تہ سکہ ملي توکي. سکہ گهڻا ملن توکي، تنهنجو مَنکہ جنم سڦل ٿئي!

(٢٤٣)

سکي ڪير؟

سگل سِرشت ڪو راجا ڏُکيئا،
هر ڪا نام جپت هوءِ سُکيئا.(٢-٢-١)

پهرين اَکرن جي معنيٰ اَچو تہ سمجهون. ”سگل سِرشت“: سَگل معنيٰ سارِي. سِرشت معنيٰ سرشٽِي. سارِي دنيا. دکيئا، دکي آهي. دکِي رهي تو سڄي پرٿويءَ جو راجا. اَوهان کي ڇا کپي؟ اَوهان کي سک کپي. پوءِ اَسين پرانتيءَ ۾ ڪِرِي پئون ٿا. سمجهون ٿا، جيڪر اَسان کي لک هجن، اَسين جيڪر سکِي ٿيون. گروجن چون ٿا: پُليل آهيو. سڄِي سرشٽيءَ جو راجا، سو بہ سکِي نٿو ٿئي.

عالمگير هو، سڪندر بادشاهہ، سڄِي سرشٽيءَ جو راجا. شاهن جو شاهہ هو، راجائن جو راجا هو. اُن وقت جي دنيا هن فتح ڪئِي. سڪندر اَچي ٿو، اِئين ڪو راجا بڌي، راجا اَچِي ڪنبي. سڪندر سان مقابلو ڪير ڪري؟ هن سڪندر سهر ساڙايا. هن سڪندر راجائن کي قابو ڪيو. آ! پر جڏهن موٽ جي بستري تي آهي سڪندر،

اِهي ڪِنا روح اَچِي ڪيترن کي مؤت جي مسافريءَ ۾ هلاڪ ڪن ٿا، ڏاڍو ستائين ٿا. اِهو ٻيو ويچار dark spirits آهن، جن کي گروجن ڪوٺين ٿا ڪال جا گماشتا، ڪال جا روح، ڪال جا agents .

اُن ڪانپوءِ ٽيون ويچار گروجن ڏين ٿا. ڪيترائِي ڪريا ڪرم ڪريو، پر ڪريا ڪرم توهان کي اِن مؤت جي مسافريءَ ۾ مدد نٿا ڪري سگهن. پر ڪريا ڪرمن مان ڪين ملي ڇا ٿو؟

پڇاڙيءَ جو سوال آهي، تڏهن ڇا ڪپي؟ تڏهن مدد ڪٿان ٿي ملي؟ گروءَ جي مُکہ مان جو نام اَچي، سو ٿئي ٿو اَوهان جو منتر. ڪنهن ستپرکہ جي چرنن ۾ ويهي نام جو دان وٺو، منتر وٺو، اُهو نام اُچاريو. گروجن چون ٿا تہ پوءِ اَوهان جون مشڪلاتون هليون وينديون. سوُکہ گهنيري.

ڏن دولت ۾ سچو سک ڪونهي. تنهنڪري ڀارت جي تواريخ ۾ اَهڙا راجائون ٿيا آهن، جي محلات جا سک ڀوڳي، پوءِ ويراڳ ۾ ڏن دولت ڇڏي نام جپيائون ۽ پوءِ ويراڳي ٿيا، تياڳي ٿيا.

تازو اَڳئين ڊسمبر مهني ۾ ڇا ٿيو؟ نيپال جو راجا تخت ڇڏي ٿو ڀاڄيهي. ڀائر ڀينر پرجا روئي ٿي. چون ٿا: سائين حاڪم اَسان جا! اَوهين تخت ڇو ٿا ڇڏيو؟ نيپال جو راجا چوي ٿو:- منهنجي ملڪ، منهنجي پياري ديس ۾ اِئين ڪندا هئا تہ راجائون تخت ڇڏي وڃي پرڀوءَ جي سمرن ۾ وقت گذاريندا هئا. مان بہ اِئين ڪريان ٿو. هي راجا محلات ڇڏي ويو آهي جهنگل ۾. اُت اَجا وڃو آهي. هڪ هڪ هيءَ ساکي ڏئي ٿو تہ ڏن دولت ۾ سک ڪونهي. سچو سک اَتو هري نام ۾. اَسين تہ پڇاڙيءَ تائين پڪڙي وڃا آهيون ڏن دولت کي. پوءِ چئون، آ! اَسان ڪين ڪمايو.

گروجن چون ٿا: راجائيءَ ۾ سک ڪين اَتو. سک اَتو نام ۾. ڀهي گهڙي ڀهي ويلا. نام وٺو. هينئر ٿي سچو نام وٺو ۽ سک پايو.

”هر ڪا نام جپت هوءِ سُکيئا“ (۲-۲-۱)

جو هريءَ جو نام جپي ٿو، سو سکي ٿئي ٿو. شل سچي ستگر جي آسيس ٿئي مون تي، اَوهان تي تہ نام ڳايون، سمرن پدارٿ کٹو ڪريون ۽ پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون!

هن جا دوست ڇا ٿا ڏسن؟ ڏسن ٿا ته موٽ جي وقت سڪندر پيو ڳوڙها ڳاڙي. ويچارو دکي. دکي ٿي هن سنسار مان هليو ويو. بادشاهن جو بادشاه، ته به سکي ڪين هو، دکي ٿيو. روئي روئي، ڳوڙها ڳاڙي، دنيا مان هليو ويو.

پر ويچار ڪريو ٻئي راجا جو، جنهن جو جنم ٿيو ڀارت ۾. اُن راجا جو نالو راجا ڀرترهري. مشهور راجا، پرسڌ راجا، اَسان جي ڀارت جو راجا، وڏو راجا هو، پر سکي ڪونه هو. وچي ٿو شڪار تي. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ شڪار تان موٽي ٿو. ڇا ٿو ڏسي؟ ته سندس راڻي، جنهن کي هي سڀ کان وڌيڪ پيائيندو هو، سا وچي پاپ ۾ ڪري آهي. ان راڻيءَ پنهنجي دل ڏني آهي راجا ڀرترهريءَ جي نوڪر کي. ۽ هن راجا اڇي ٻنهي کي پڪڙيو. ڏسي ٿو راجا. چوي ٿو: اَفسوس! هن راڻيءَ کي مون هيڏو پيار ڏنو. هيءَ راڻي بي وفا ٿي. اُن دک جي وقت هن راجا کي ويراڳ اَچي ٿو. محلات ڇڏي ٿو، ڌن دولت ڇڏي ٿو، تخت ڇڏي ٿو. هن پياري کي هي ويچار اَچي ٿو ته سک اَٿيئي نه محلاتن ۾. وڃ تون سک جي تلاش ۾. ۽ راجا ڀرترهري اَچي ٿو سنڌ ۾ ۽ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي جهوپڙي ناهي رهي ٿو. چوي ٿو: مان هينئر سکي آهيان. سادو کاڌو کائي، سادو پهري، چوي ٿو: هاڻي مان سکي.

اَسان جي ڀارت جي راجائن اِها ڳالهه پروڙي ته

بہ مارگہ آهي. ڪهڙو رستو؟ ڪهڙو مارگہ؟ ڪيڏا نہ پاپ، تن ۾ اَسين ڪِري پئون ٿا. ڪي ويچارا شرابي ٿين ٿا. اِهو شراب جو وڪار ڪيئن نہ ويچارن کي ٻنڌن ۾ ٻڌي ٿو.

مون ڏٺو آهي. ڪيترا شرابي روئن، ڳوڙها ڳاڙين، ويچارا چاهين تہ اَسين هن وڪار کان ڇٽون. پر ڇٽن نٿا.

ورِي ڏسو، ڪنهن ٻئي ياءُ کي جوُئا جِي عادت آهي. جوارِي تن کي عادت جوُئا جِي. اُنهن جي هٿن ۾ اَلائي ڪهڙيون ڇهنڊڙيون اَچي ٿيون پون: چون: جوُئا ڪريون. هارائين پيا، تہ بہ چون: جوُئا ڪنداسين.

ورِي ڏسو، ٻيو بہ وڪار آهي، جو بہ جهلي ٿو ٻيهي ٻنڌن ۾. اِهو ٻنڌن ڪام جو ٻنڌن. ”اَءِ پيارا پٽ! تون ڇا ٿو ڪرين؟“ چوي ٿِي هڪ ماءُ پٽ کي. ”پيارا! تنهنجو ڪُل ڪيڏو! تنهنجي آڪهہ ڪهڙِي نہ سنِي! پر پيارا پٽ! تون ڪهڙا ڪم ويٺو ڪرين؟ تنهنجِي دل لڳِي آهہ پرائِي ڇوڪريءَ سان. تون پاپ جي جيون ويٺو رهين. ڇڏ اِن پ پ کي!“ هيءُ پٽ هڪ ڏينهن روئي ٿو. ۽ اُهو پٽ هڪ ڏينهن سنت ٿئي ٿو. پر جنهن ڏينهن جو مان ذڪر ڪريان ٿو، تڏهن اُهو پٽ پاپِي، ويچارِي. پٽ چوي ٿو: اَمِي! مان ڇا ڪريان؟ زنجيرون آهن پاپ جون. سمجهان بہ ٿو: ورِي ورِي ڪِرِي پوان ٿو.

ڏسو، هڪ هڪ وڪار ٻنڌن ٿئي ٿو. هڪ هڪ وڪار قيد ۾ جيل ۾ وهاري ٿو. ڪيترا نہ وڪار آهن. گروجن

(٢٤٤)

بندن کٹن ٹُٽُن

هينئر پيو پد شروع ٿئي ٿو:

”لاک ڪروڙِي بَنڌ نَہ پَريءِ

هر ڪا نام جَپَت نِستريءِ“ (٢-٢-٢)

پهرين اَچو تہ اَکرِي معنيٰ سمجهون. لاک معني لکين. ڪروڙِي معنيٰ ڪروڙين. لکين ڪروڙين ڇا؟ بندن، لکين ڪروڙين بندن. تن بابت گروجن ڇا ٿا چون؟ پرئي معنيٰ ڪو اَچِي ڦاسي. ڪو بندن ۾ اَچِي ڦاسي. بندن جي بِي معنيٰ آهي مشڪلاتون تڪليفون. لکن ڪروڙن مشڪلاتن ۾ ڪو اَچِي اَڙي.

تڏهن سوال اُٿي ٿو تہ اِهي بندن ڇا آهن؟ تڪليفون مشڪلاتون بيشڪ بندن آهن، پر تڪليف ڇا آهي؟ پاپ جهڙو بندن ڪونهي. وڏِي مشڪلات آهي پاپ وڪار. جنهن کي اَندر ۾ وڪار اَچي ٿو، سو غلام، سو تہ ٻانهو، سو تہ نوڙين ۾ ٻڌل آهي.

تڏهن گروجن چون ٿا: لکين ڪروڙين وڪر ڪنهن کي اَچن تہ اُن واسطي بہ رستو آهي. اَهڙي اِنسان واسطي

ڪئن ٽُٽن ؟ ماتا چوي ٿي: زنجيرون ٽٽنديون، جي تون نام جپينديـن. تون روز نام جپ. ۽ اِئين پٽ ڪري ٿو. روز نام جپي ٿو ۽ هڪ ڏينهن پٽ ڪام تي جئہ پائي ٿو ۽ اُن پَرَ اِستريءَ کي چوي ٿو: تون هتان هليِ وڃ. منهنجيِ جيون هينئر بِيِ ٿيِ آهي. تون هتان وڃ.

نام ۾ طاقت آهي. نام، هرِي نام، گرمکہ نام اَٿو هڪ شڪتيِ. اَننت نام ۾ آهي شڪتي. اُهو وڪارن تي جئہ پائي ٿو. گروجن چون ٿا:

لاکہ ڪَروڙيِ بَنڌ نہ پَريءَ
هَرِ ڪا نام جَپَت نِستريءَ (٢-٢-٢)

هريءَ جو نام جپ، تہ تون سوڀ پائيندين، تون فتح پائيندين.

مون هڪ ماڻهوءَ جيِ ڳالهہ ويٺي پڙهيِ. هيِ ماڻهو هڪ ڏينهن ستسنگہ ۾ لنگهي اَچي ٿو. چوي ٿو: وڃيِ تہ ڏسان. اَچي ٿو اَندر؛ ستسنگين جو اَڳوان ويٺو اُپديش ڏئي ۽ چوي ٿو اُپديش ۾: نام جپيو، سوڀ پايو.

تڏهن هيءُ ماڻهو ستسنگہ پوري ٿيڻ کانپوءِ اَڳوان کي چوي ٿو: ”نام جپيو، وڪارن تي سوڀ پايو، اِئين توهين سچ چئو ٿا؟“ اَڳوان چوي ٿو: ”ها، مون اِئين چيو. ماڻهو چوي ٿو: ”سائين! مان تہ ڏاڍو پاپِي گنهگار آهيان.“ سنت چويٿو:- ”پر تون سوڀ پائيندين، جي

چون ٿا: ويچارا لوڪ ڦسجي وڃن ٿا. ڏسن پيا تہ پاپ ۾ ڪِرون پيا، تہ بہ ڪِرن پيا.

وري ڏسو، لوڀ جو وڪار. اِن وڪار جي اَثر هيٺ ڪيترن نہ خون ڪيا آهن. پنهنجي دوستن کي قتل ڪرايو اَٿن.

اَهڙيءَ طرح گروجن چون ٿا: لکن ڪروڙن ڀنڌنن ۾ لوڪ ڦاٿل آهن. گروجن کان پڇن ٿا تہ اُنهن کان ڇُٽڻ لاءِ ڪو رستو آهي؟ گروجن چون ٿا: هائو. ٻڌو:

”هَرِ ڪا نام جپت نِستريءَ“ (٢-٢-٢)

”هر ڪا نام جپت“، جي هريءَ جو نام جپيو تہ نستارو ٿي پوي.

تڏهن وڪارن جي دوا ڇا آهہ؟ هرِي نام، گرمکہ نام آهي دوا درمل. ڪيترا بہ پاپ هجن، پر هريءَ جو نام ڪو اُچاري تہ اِڪ ڏينهن اُن جا پاپ پري ٿين ٿا. اُن جون زنجيرون ٽٽي وڃن ٿيون.

مون ذڪر ڪيو نہ، اَن ماڻهو جو جنهن کي ماتا چيو: پيارا پٽ! تون ڇا ٿو ڪرين؟ پٽ چوي ٿو روئِي ماتا کي: اَمِي! مان ڇا ڪريان؟ ماتا چوي ٿِي: پيارا پٽ! هڪ منهنجو پٽ تون آهين. تنهنجو پتا آهي ٻئي شهر ۾ عملدار. تون هت، اَسان جي گهر جو شان تون. گهر جي ننڊا ٿِي پيئِي آهي. جت وڃان، اُت ملن ٿا مهڻا. منهنجا پٽ! تون پڙهيل، تون ودوان، تنهنجو دماغ ڪليل. پٽ چوي ٿو: اَمِي! ڇا ڪريان؟ زنجيرون اَٿم، سي

پريو، God first.

هڪ ماڻهوءَ کي راجا جي دربار ۾ وڏو عهدو هو. اَجا عمر ۾ ننڍو آهي. ۽ هن پياري جي جيون ۾ ڦيرو اَچي ٿو. ڪنهن ستسنگ ۾ ويندو آهي. اُتي ڪيس سکيا ملي آهي ته پريو پهرين. اِها سکيا هن جي دل اَندر گهڙِي وڃي ٿِي.

هڪ ڏينهن دربار ۾ حڪم نڪري ٿو، وڏي عهدي وارا سڀ اَچِي ڪنا ٿين ۽ راجا جِي آرتِي ڪن. هيِ ماڻهو چوي ٿو، مان راجا کي عزت ڏيندس، آرتي مان پر ڪين ڪندس. آرتِي ڪندس پنهنجي پريوءَ جِي. پريو سڀ کان مٿي! هڪ متر ڪيس چوي ٿو: ”اَڙي! تون ڇا ٿو ڪرين؟ تون آرتي ڪر، راجا توکي ڀانئي ٿو، توتي پرسن آهي. راجا تنهنجو ڪم ڏسي ٿو. هڪ ڏينهن شايد تون وزير ٿيندين. تون جي راجا جي آرتيءَ ۾ نه شامل ٿيندين نه راجا توتي رنج ٿيندو. شايد توکي مؤقوف ڪري ڇڏي.“ هيِ ماڻهو چوي ٿو: ”سڀ کان وڏو منهنجو سائين! مؤقوف ٿِي وڃان بيشڪ، پر مان سائينءَ کي ڇڏيندس ڪين. مان عزت ڏيندس سڀن کي، پر پريوءَ کي ڇڏيندس ڪين“.

پريوءَ جو پيارو ڀاڻيهِي هڪ ڏينهن نوڪرِي ڇڏي اَچِي ٿو ۽ پنهنجي جيون شيوا گذاري ٿو. راجا جِي نوڪرِي هن ٻاءِ ٻنڌن ٿِي پيئِي ۽ هن نام جپيو. هن جا ٻنڌن ٽُٽا. شال اَوهين به هرِي نام ڳايو، پرم پد پايو، پنهنجو مانک سڦل ڪريو!

سچي دل سان تون نام جپيندين.'' هي ماڻهو چوي ٿو: ''اِئين ڪئن ٿيندو؟ سائين! مان ڏاڍا ڪُوڙ ڳالهايان. منهنجي جيون اَپوتر. مان روز ڏاڍا پاپ ڪريان. مان آهيان ملين، مان آهيان ڪُوڙو. پوءِ اِنهن پاپن تي مان جئه پائي سگهندس؟'' اَڳوان چوي ٿو: ''ها، تون جئه پائي سگهندين.'' ماڻهوءَ کي اَعتبار نٿو اَچي. پر چوي ٿو: ''جپي تہ ڏسان نام.''

گهر وڃي ٿو. پهرين ١٥ منٽ نام جپي ٿو. ورِي ٻئي ڏينهن. اِئين مهنو گذري ٿو. وڃي وڌائيندو نام جپڻ جو وقت. ڇهہ مهنا ستسنگ ۾ آيو. ڇهہ مهنا هن گهر ۾ نام جپيو. ڇهن مهنن کانپوءِ خانگِي ملاقات ڪري ٿو. هِي ماڻهو چوي ٿو اَڳوان کي: ''سائين! هينئر مون کي مليو، جيڪي مون کي کپندو هو. هينئر مان نٿو ڪرِي سگهان: هينئر مان ڪُوڙ نٿو ڳالهايان. مون ويهي نام جپيو. شڪرانا!'' پريوءَ جا شڪرانا مڃي ٿو.

''لاکہ ڪروڙي بَنڌ نہ پريءِ
هَر ڪا نام جَپت نِستريءِ (٢-٢-٢)

تڏهن جو پريوءَ جو نالو ڳائي ٿو، ڌيائي ٿو، اُن جي نشاني ڪهڙِي؟ اُهو پريوءَ جو سمرن ڪري ٿو. اُهو وفادار پريوءَ سان ٿو ٿئي. دنيا جي پنيان نٿو وڃي. هوُ پوڄا ڪري ٿو هڪ پنهنجي پريتم جي. هوُ چوي ٿو: پهرين

اَھڙِي تِکِي ناھي، جھڙِي ھيءَ ترشنا تکِي آھي. ھيءَ ترشنا مَريئِي نٿِي. ترشنا وچي پيئِي وڌندِي. خوشيون ماڻيون ٿا. ھيءَ ترشنا وچي وڌندِي.

پھرين اِھا ترشنا اُٿي ٿِي نندِيءَ چڻگ مان،- A little spark. اَسين چئون نندڙِي چڻگ آھي. ھيءَ اُجھامِي ويندِي. نہ، وچي وڌندِي.

ھڪ ماڻھو وينو ھو پنھنجي گھر ۾. اُن جو گھر ھو ٻيلي ۾. ٻيلي جو ڪم ڪندو ھو. ٻيلي ۾ وڏا وڻ. ٻيلي ۾ ھڪ جھوپڙِي ٺھرايائين. پنھنجو ھڪ پڪو، اُن ۾ رھندو ھو. ھڪ شام جو موٽي ٿو. مانِي کاڌِي اَٿس. پوءِ چِروٽ چڪي ٿو. چِروٽ جڏھن پيو چڪي، تڏھن اُن منجھان ھڪ چڻگ نڪرِي ٿي. مانيءَ کانپوءِ اَسين سُست ٿيندا آھيون. ھي ماڻھو ڏسي ٿو، چِڻگ ڪرِي آھي. چوي ٿو: چِڻگ آھي. اُجھامِي ويندِي. مان ٿورو آرام نہ ڪريان.

ڇا ٿو ٿئي؟ ھيءَ چِڻگ وچي وڌندِي. ٻيلي جي وڻن جي پتن کي لڳي ٿِي. وچي ٿِي ٻئي وڻ ٿي. باھ وچي ٿي وڌندِي. ٻيلي کي باھ وچي لڳندِي. وڏِي ھوا اُٿي آھي. ھينئر باھ وچي وڌندِي. ھن جي ڪکن جي جھوپڙِي وچي سڙندِي. سڄي ٻيلي ۾ باھ باھ. ھي ويچارو ماڻھو ٻچِي ٻاھر نڪتو آھي. ڏسو، ھڪ نندڙِي چڻگ، اُن مان ڪئن نہ ھيڏِي باھ نڪتِي.

(٢٤٥)

ترشنا ٻجهي نٿي

هن ڪانپوءِ ٽيون پد اچي ٿو
انڪ مايا رَنگہ تِکہ نہ ٻجهاويءِ
هرِ ڪا نامِ جَپت آگهاويءِ (٢-٢-٣)

پهرين اَچو تہ اَکرن جي معنيٰ سمجهون. اَنڪ معنيٰ اَنيڪ. مايا رنگہ معنيٰ مايا جا اَنيڪ رنگہ آهن. تِکہ معنيٰ ترشنا. مايا جا اَنيڪ رنگہ ترشنا نٿا ٻجهائين. مايا جا رنگہ ڏسو ڪيترا نہ آهن. مايا جا روپ ڪئن نہ اَسان کي ڇڪين پيا. مايا جا روپ، مايا جون شڪليون، مايا جون مورتون، مايا جا رنگہ آهن مزا. لوڪ اِئين چون: اَچو تہ مزا ماڻيون. اَچو تہ وڃون ناٽڪ گهر ۾. مايا پيئي پڪاري. مايا جا جدا جدا رنگہ اَسان کي پيا لالچائين. اچو تہ مزا ماڻيون.

پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ وڃي پڇيو تن کان، جي مزا ماڻين ٿا، سکي آهن يا نہ؟ ويچارا دکي! ترشنا اُجهامي نٿي. ترشنا جي آگہ اُجهامي نٿي. پاڻ وڌيڪ ترشنا پيئي اُٿي. اِنسان وڃي وڌيڪ دکي ٿيندو. ترشنائون ٻجهن ئي نٿيون. تِکہ معنيٰ ترشنا. هيءَ ترشنا ڏاڍي تکي. تلوار بہ

ڪيترا نہ سال ٿيا جڏهن مون هڪ ننڍڙو پستڪ پڙهيو هڪ ماڻهوءَ جو. اُن ماڻهوءَ اِهو ڪتاب لکيو جيل ۾. جيل ۾ ڇو ويو؟ هڪ ڏاڍو ڪِنو ڪم ڪيائين. هيِ شاهوڪار ماڻهو، وڏي ڪُل جو. سندس پتا کي ڌن دولت. پر وڃي پاپ ۾ ڪِريو. ڪيس پڪڙيائون ۽ ڪيس جيل جيِ سزا مليِ. هن اِهو ڪتاب جيل ۾ لکيو. ڪهڙو نہ هوشيار! ڪهڙي نہ هن جيِ اَنگريزيِ! هن جو ڪتاب منهنجي دل اَندر گهڙي ويو. هن ڪتاب جو نالو دي پرفندس. هيِ چوي ٿو: آ! سائينءَ سڀ ڪجهہ ڏنو هو، پر مون ڇيو تہ مزو ماڻيان. هڪ ڏينهن ٿورو، ٻئي ڏينهن ٻيو. پوءِ مزا ويس وڌائيندو. هيِ ماڻهو چوي ٿو: مون کي خبر ڪين هئيِ تہ اِهي ننڍڙا مزا character تي اَثر ڪن ٿا. ننڍڙا ڪم character ٺاهين ٿا. هڪ ياءُ آهي، پڪين جيِ شيوا ڪري ٿو. ڪو ياءُ آهي، جو روز شيوا ڪري ٿو، اُهو ياءُ وڃي پيار ۾ وڌندو. غريبن جيِ شيوا ڪري، ننڍڙيِ نماڻيِ شيوا ڪري. وڃي پنهنجي character ٺاهيندو.

پر ٻيو ماڻهو آهي، جو ننڍڙا ننڍڙا گندا ڪم ڪري ٿو ۽ هن جيِ character وڃي خراب ٿيندي. ۽ هيءُ ماڻهو هن ڳالهہ تي ڏاڍو زور ڏئي ٿو. چوي ٿو: اَفسوس! مون کي خبر ڪانہ پيئيِ. ويس مزا ماڻيندو. پوءِ ترشنا ٿي تہ وڏيڪ مزا ماڻيان. پوءِ چوي ٿو: ويس پاپ ۾ ڪِرندو. تان جو

ترشنا بہ اَتو هڪ ننڍڙي چٽڳہ. ترشنا وچي وڌندي. وڌي باھ ٿئي ٿي. اِنسان کي وچي جلائيندي. ترشنا ڏاڍي تکي. هڪ مزو ماڻيان، پنيان ٻيو مزو. اَنت ئي ڪونهي.

ڏسو، کاڌي ۾ ڪنهن کي مزو ڪپي، اُهو روز روز وڏيڪ طعام کائڻ ٿو چاهي.

هڪ مهاراجا پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڪرائي. ٣٦٥ ڀاڄيون هن راجا هڪ هڪ مزمان کي مانيءَ سان ڳڏ ڏنيون. ڪيتريون نہ کاڌي جون شيون، اَجڪلهہ هوشيار نوڪر ناهين ٿا. هڪ مهاراجا، اُن کي Head cook، اُن کي ٣٠٠-٤٠٠ پگهار. اُن نوڪر جو ڪم ڪهڙو تہ رڳو چوي: اَڄ هي ڀاڄيون ناهيو، هي ناهيو. روز روز نوان نمونا. هڪ هڪ ڏينهن نون قسمن جا کاڌا. Head cook جو ڪم آهي تہ ويهي ويچار ڪري تہ ڪهڙا نمونا کاڌي جا ڪڍڻ ڪپن.

ڏسو، ترشنا پوري ٿيڻ جي ڪونهي. تئن ويچار ڪريو، ڪن کي ڪپڙن جو شونق. ولايت ۾ ڪيترن کي شونق ڪپڙن جو. ڪيتريون مندمون آهن، جي ولايت ۾ ڏينهن جو بہ پوشاڪون پائين. ٻئي ڏينهن ٻي پوشاڪ. اِئين ستن ڏينهن ۾ ١٤ پوشاڪون پائين. اُنهن کي آهي پوشاڪ جي ترشنا، سا بہ ٻجهي ئي نٿي. اِها ترشنا وچي وڌندي. هڪ مزو پورو ٿئي، ٻيو مزو، وري ٽيون مزو. اِنهن خوشين جو چڪر پيو چلي.

چڱيون نوڪريون. هينئر ڪورٽ ۾ اچي ڦاٿو آهي. پوءِ جج فتويٰ ڏئي ٿو ۽ فتويٰ پڙهي ٿو. جج کي فتويٰ پڙهڻ پڄي نٿي. پڙهي نٿو سگهي. هن برڏ اَوسٿا واري کي ڏسي جج اَچي روئڻ ۾ چڙڪي ٿو. رومال ڪڍي اکيون اُگهي ٿو. هن کي ١٢ مهنا جيل جي سزا ملي ٿي سخت پورهئي سان. جج وري روئي ٿو. پٽ به ڪورٽ ۾ آيا آهن. پٽ به وڏا. اُنهن کي لڄ پيئي اَچي. آيا پتا ڪان موڪلائڻ. پتا چوين ٿو: پيارا پٽ! مون کي معاف ڪريو. مون توهان جو شان وڃايو. پر مون کي لوڀ جي ترشنا ٿي چِٽگہ وانگر، پوءِ اُن مان ٿي وڏيڪ ۽ هينئر مان جيل جي دروازن ۾. مون کي آسيس ڪجو! منهنجي لاءِ پرارٿنا ڪريو.''

ترشنا جي چِٽگہ کي وڌڻ نہ ڏيو، پر اُتيئي ترشنا کي ڪپيو. اِها ترشنا جا وڃي وڌندي، اُها ناس ڪئن ٿئي؟ گروجن جي سکيا اُن بابت ٻئي موقعي تي رکندس. شل هن سنسار ۾ رهي ترشنائن جا قيدي نہ ٿيو. هن سنسار ۾ رهي سمجهيو تہ زندگي ملي آهي نہ مزن ماڻڻ واسطي، پر غريبن دکين جي شيوا واسطي. هڪ هڪ پراڻ، جو پريو! تو مون کي ڏنو آهي، شل خرچ ڪريان تنهنجي شيوا ۾ ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريان!

چوي ٿو: مون هڪ اُگر پاپ ڪيو Horrible disgrace. مون پاڻ کي بدنام ڪيو. مون پنهنجي ڪُل کي بدنام ڪيو ۽ مون پيءُ کي بدنام ڪيو ۽ مون کي اَچي جلهليائون ۽ قيد ۾ وڌائون. مان پيو روئان پنهنجي حال تي!

بيشڪ، ترشنائون پوريون ٿيڻ جون نہ آهن. مايا جون صورتون، خوبصورتون، اِهي اَسان جون ترشنائون جهڪيون نٿيون ٿين، پر پاڻ واڌئين ٿيون. پهرين ترشنا ٿوري، ٻئي ڏينهن چئون وڌيڪ مزو. تان جو هڪ ڏينهن ڏسون، اَسين تہ پاپ جي اوڙاه ۾ ڪرِي پيا آهيون. ڳچيءَ تائين وڌنديون وڃن ٿيون ترشنائون.

ڪجھ وقت ٿيو، هڪ ماڻهوءَ تي مقدمو هلايائون. اُهو ماڻهو برڏ اَوستا جو هو. سندس اَچا وار ٿِي ويا. بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هو. cashier هو. هڪ ڏينهن اَچِي من ۾ تيس تہ هيترا ڪروڙ رپيا پيا آهن، ١٠٠ رپيا ڪري ٿو ڪڍان. هڪ ڏينهن ١٠٠ ڪڍي ٿو. ورِي ٻئي ڏينهن چوي ٿو: ڪڍي ٿو ٢٠٠ ڪڍان. بئنڪ جي ڪروڙن مان ڪنهن خبر پوندي. ٽئين ڏينهن ٣٠٠. چوٿين ڏينهن ٤٠٠. اِئين وڃي پئسا ٺڳائيندو. ويچارو چڱو ماڻهو، ڏاڍو سکر ماڻهو. ماڻهن کي خبر ڪانہ تہ هن جي اَندر اَچِي لوڀ جي لالچ اُٿِي آهي. پهرين چِڻگ وانگر. پوءِ ويئِي وڌندِي. تان جو ڳالھ اَچِي ڦاٽِي. ويچارو اَچِي پڃري ۾ ڦاٿو. سندس پٽ، اُنهن کي

رنگن روپن پنيان پيا ڊوڙون پايو، اَوهان کي ڇا ٿو ملي؟ ڏوُڙ! تِکہ معنيٰ تکيِ. ترشنا، جا تکيِ آهي، اُها ترشنا تہ ٻجهيئيِ نٿيِ. ڪيترائيِ رنگہ روپ مايا جا پڪڙيو، اَوهان جو اَندر خاليِ.

هڪ سنت آيو پهاڙن ڪان. اُهو وريِ وريِ پڇندو هو هڪ هڪ ياءُ ڪان، هڪ هڪ ڀيڻ ڪان هيِ هڪ سوال: تون سکيِ آهين؟ ۽ جيڪڏهن اِهو سوال اَوهان ڪان پڇيو وڃي. جي اَوهين مايا جي رنگن روپن ۾ اَڙيل پيا آهيو، ڪو ستپرکہ اَوهان ڪان پڇي: پيارا ياءُ! تون سکيِ آهين؟ منهنجيِ ڀيڻ! تون سکي آهين؟ اَوهان جو جواب ٿيندو 'نہ' ڇو تہ اَوهان جيِ ترشنا اَڃا پوريِ ٿيِ ڪين آهي. اَنيڪ رنگہ مايا جا، ترشنا اَڃا ٻجهيِ ڪين آهي. گروجن چون ٿا:

''اَنڪ مايا رنگہ، تِکَہ نہ ٻُجهاويءِ''

هيءَ ترشنا مري نٿيِ. هيءَ ترشنا پيئيِ ستائي، پيئيِ منجهائي، پيئيِ اَنڌ کوپ اوڙاه ۾ ڪيرائي. تڏهن سکي ڪئن ٿيون؟ گروجن هن پد ۾ ٻڌائين ٿا:

''هرِ ڪا نام جپت آگهاويءِ''

جَپَت معنيٰ جپڻ سان، هريءَ جي نام جپڻ سان، آگهاويءِ معنيٰ ترپت ٿئي ٿو. اِنسان ترپت ٿئي ٿو، جڏهن هريءَ جو نام ڳائي ٿو. نہ تہ اَتو ڏکا ٿابا، نہ تہ اَتو دکہ درد. جي چاهيو نہ.سکہ تہ هريءَ

(٢٤٦)

دل جي دري کول

جيون زندگيءَ جو پتو ناهي. هڪ هڪ ڏينهن اَتو اَمانت. اُن اَمانت ۾ شل نہ ڪريو خيانت. شل ستگر جي چرنن ۾ روز روز ويهي سنتن جي ٻاڻي ٻڌوءِ جڏهن ستسنگ ۾ اَچو، هن داس کي آسيس ڏجوءِ مان جتي هوندس، اُتان اوهان کي آسيس موڪليندس ءِ ديا در تي اَوهان لاءِ دعا گهرندس تہ شل سچي ستگر جي رحم ۾ رهو!

شري سکمني صاحب: اَشٽپدي ٢: پؤڙي ٢: پد ٣.

تئين پد ۾ گروجن ڇا ٿا چون؟

اَنِڪ مايا رنگ تِڪَ نہ ٻجهاويءِ

هَرِ ڪا نام جَپَت آگهاويءِ (٢-٢-٣)

هن پد جي پهرين تڪ اَسان ڪئي. اَنڪ معنيٰ اَنيڪ. مايا جا رنگ روپ آهن اَنيڪ. ڏسو، رنگ روپ مايا جا، اَسان کي ينپلائين پيا. دنيا ٻاري اَتو اَڙيل مايا جي رنگن روپن ۾. تنهنڪري گروجن چون ٿا: اَنڪ مايا رنگ. مايا جا رنگ اَنيڪ آهن. پر پيارا! اَوهان کي ڇا ٿو ملي؟

(٢٤٧)

اَڪيلي مارگہ ۾ ڪير مددگار؟

پوءِ اَچي ٿو چوٿون پد:

جھَ مارگہ اِھُ جات اَڪيلا

تھ ھر نامُ سنگہ ھوتَ سُھيلا (٢-٢-٤)

جھَ مارگہ معنيٰ جنھن رستي، مارگہ. اِھو اَٿو جم جو مارگہ. موت جي مسافريءَ ھڪ ھڪ کي ڪرڻي آھي. اِھا مسافري ڪئن ڪرڻي آھي؟

اِن مسافريءَ ۾ ھڪ ھڪ کي وڃڻو آھي اَڪيلو. اؤرنگزيب بادشاھ، ھندستان جو وڏو بادشاھ، مغلن جو وڏو بادشاھ، اؤرنگزيب بادشاھ جو موت ٿئي ٿو. پڇاڙيءَ جي وقت، اَنتڪال ۾ ھي ڇا ٿو چوي؟ اَنتڪال ۾ اَسان جي اَڳيان اَچي جيون جو نقشو بيھي ٿو. اؤرنگزيب جي اڳيان بہ سندس جيون جو نقشو بيھي ٿو. مرڻ ڪان اَڳي ھي بادشاھ چوي ٿو: مان آيس دنيا ۾ اَڪيلو: آ! پر ھينئر دنيا مان وڃان ٿو پاڻ سان پاپن جو بوجو کڻي. آيس اَڪيلو، وڃان ٿو اَڪيلو، پر پاڻ سان کڻي وڃان ٿو پاپن جو بوجو. شل اَوھين اِئين اَنتڪال سمي نہ ڇئو.

جو نام ڳايو. اِنسان ترپت ٿئي ٿو، جڏهن هريءَ جو نالو جپي ٿو. ترشنائون هليون وڃن ٿيون، جڏهن هرِي نامُ جپجي. اُوهان ڏٺو آهي نہ جڏهن بجلي ٻاريو تہ اونده هلي وڃي.

هڪ ماڻهو اچي بيمار پيو. پوءِ ڪوٺيءَ ۾ پيو آهي اُهو ماڻهو ڊاڪٽر چوي ٿو تہ هن patient کي اونده ۾ نہ ڇڏيو. هن جي ڪوٺيءَ جي دري کوليو. پوءِ هي بيمار ماڻهو، اُن جو ويچار ڪهڙو؟ بيمار ماڻهوءَ کي چون ٿا: دريون کوليون؟ بيمار ماڻهو پيو چوي: اونده ڪيو هن ڪوٺيءَ مان، پوءِ دري کوليو. پيارا ڀاءُ! جيستائين دري کُلي ناهي، تيستائين اونده ڪٿان وڃي؟ ترشنائون اَتو اونده. (desirnes Darkness of). اِها اونده ڪٿان وڃي؟ دل جي دري کوليو تہ ستگر جي روشني اَندر اَچي. دريءَ منجهان رحم جي روشني اَچي. اَلڪہ جي جوت جيون جي ڪوٺڙيءَ اَندر اَچي، پوءِ اونده پاڻيهي هلي وڃي. دل جي دري کوليو.

گرديو! دل جي دري ڪٿان کوليون؟ گروجن پڪارين ٿا، سنت پڪارين ٿا: نام جپيو. هرِي نامُ ڳايو. اِڪ ڏينهن اُوهان جي دل جي دري کلندي. هن وقت دل جي دري بند آهي، ڇو تہ هن وقت ترشنا جا قيدي آهيو. ترشنا جي اونده ۾ توهين ٻانڌي آهيو، پر جڏهن روشني اِيندي، نام جي جوت جڏهن جاڳندي، هيءَ اونده پاڻيهي هلي ويندي. روشني آئيو. نام جي جوت پنهنجي جيون اَندر جاڳايو تہ اونده وڃي، ترشنا وڃي ۽ اُوهان کي نج نرمل سک پيدا ٿئي.

چوٿون پد: پؤڙي ٢: چوٿين پد جي پھرينءَ تڪ ۾
گروجن ڇا ٿا چون؟

”جِھہ مارگہ اِھہ جات اَڪيلا“ (٢-٢-٤)

اِن مارگہ ۾، پيارا! تون ويندين اَڪيلو. موت جي
مارگہ ۾ ويندين اَڪيلو. اَنتڪال ۾ ڏسو، ڪئن نہ ھڪ ھڪ
ٻارُ ڪي اَڪيلو پيو سمجھي. اُن وقت چاھجي،ڪو مددگار
ھجي، ڪو سھايڪ ڪيي، جو اَنتڪال ۾ اَسان جي سھايتا
ڪري. وڏا وڏا ماڻھو اَچي ڊجن. اَنتڪال ۾ اَڪيلا.

مون ذڪر ويني پڙھيو ولايت جي اِڪ وڏي ماڻھوءَ
جو، جنھن پستڪ لکيا، جن جو اَثر لکن جي دلين تي ٿيو.
والٽيئر Lover fo freedom . پوءِ ھن واسطي بہ موت جو
ڏينھن اَچي ٿو. ھن جي پرسان ھڪ اِستريِ آھي نرس.
موت جي بستري تي آھي ؛ ھن اِستريِ نرس ھن جو ذڪر
ڪيو. چيائين: توبھہ! توبھہ! اَنتڪال ۾ ھيِ آزاديءَ جو
ڪوديو، اَنتڪال ۾ اَچي ڪنبيو: شل مان اَھڙو موت نہ
ڏسان ڪنھن جو. والٽيئر ڳوڙھا ڳاڙيا. چيائين: وڃان ٿو
اَڪيلو اَڪيلو. گروجن چون ٿا: ھن موت جي مسافريءَ ۾
ھڪ ھڪ وڃي ٿو اَڪيلو. توھان کي ڊپ ڪئن نہ ٿئي.

ھڪ ٽرين ھڪ شھر مان ٻئي شھر ۾ ٿي ويئي.
گاڏيءَ کي ھينداِن Tunnel منجھان لنگھڻو پوي ٿو. پوءِ
ٽنيل منجھان جيڪو وقت گاڏي لنگھي، اُھو وقت اوُنده

گروجن چون ٿا: هڪ هڪ کي وڄڻو آهي اَڪيلو، پر
شل پاڻ سان بوجو پاپن جو نہ کڻي وڃو. شل هلڪا ٿي وڃو
هلڪا ٿيون، جڏهن پاپن جو بوجو لهي.

سُهيلا معنيٰ مددگار. جنهن جو مددگار آهي نام
جنهن جو مددگار آهي ستگر صاحب، سو دنيا مان وڃي ٿ
مشڪندو مشڪندو، نہ اؤرنگزيب وانگر روئندو، پر کلند
کلندو.

هڪ سنت جي ڳالهہ آهي نہ، مؤت جي بستري تي
پيو مشڪي. چونس ٿا: مشڪو ڇو ٿا؟ چوي ٿو: سهاڳڻ
وڃي ٿي، وڃي پنهنجي ڪانڌ پتار کي ملي ٿي، تنهنڪري
منهنجي چپن تي مشڪ آهي.

سنت سچا، تن واسطي مؤت آهي مشاهدو. سنت
چون: اَسين موتي وڃون ٿا ڏام پنهنجي، پنهنجي پتي
کي وڃي ٿا ملون.

مؤت آهي موتڻ. ڊپ ڇا جو؟ ستگر کي ملڻ آهي
مؤت. پر اُنهن جو مؤت ٿئي ٿو ڊري جنهن مان‌پريتم
اچي نهاري ٿو وري وري! جن جي هردي اَندر آهي هري
نام. شل اَوهان جي مسافري سڀاڳي ٿئي! شل اَنتڪال م
اَوهين پاڻ کي اَڪيلو نہ سمجهو. شل ستگر سائين ٿئي
اَنگہ سنگہ سهاءِ! شل ستگر صاحب ٿئي مددگار! تنهنڪري
هرِي نام ڳايو ڳايو، پايو پايو، مانکہ جنم سڦل ڪريو.

(۲۴۸)

نام ڏياءِ: پرم گت پاءِ

هينئر اَچو تہ پڇاڙيءَ جو پد ۵ پد ڪريون.

اَئسا نامُ مَن، سَدا ڏيائيئيءِ

نانڪ گُرمُڪہ پَرَم گِت پائيئيءِ

اَئسا نام، اَهڙو نام، اَءِ منهنجا منڙا! مورکہ من! اَهڙو نام تون سدائين ڏياءِ. تون اَهڙو نام وساري وينو آهين. گُرمُڪہ: گروءَ جي مُکہ مان نام وٺو. گروءَ جي مکہ مان سکيا وٺو. منتر وٺو، سو منتر وٺي جپيو، سو نام وٺي ڏيايو. منتر نام ڳايو، جو گروءَ جي مکہ مان اَچي. پوءِ ڇا ٿيندو؟ پرم گتي، پرم پدوي توهان کي پراپت ٿيندي. مکتيءَ جي منزل پيارا! تون پائيندين، جيڪڏهن تون گروءَ جي مکہ مان نام وٺي ڳائيندين تہ تون بہ پرم پد، مکتي پراپت ڪندين. اَسين کهڙا بہ ڪِريل هجون، گنهگار هجون، پر جي ڪنهن ستپرکہ جو نام وٺون، منتر وٺون تہ اَسان جو بہ اُڌار ٿي سگهي ٿو.

هي ڪير هو؟ سرڪار جو ماڻهو هو. ڍلون پيو

اوُنده. هڪ اِستريءَ کي ڪم هو بئي شهر ۾. اِستريءَ کي
ڊپ ٿو لڳي. چيائين: مان نہ ڊجان ٿي، جو تہ ٽنيل مان
گاڏِي لنگهندي، اُتي اوُنده اوُنده. سندس پتي ڪم تان
موٽيو. اُن اِستريءَ کي ڪم هو بئي شهر ۾. پتيءَ چيس:
تون مون سا آهين: ڊپ نہ ڪر. پوءِ ٽرين ۾ چڙهن تا ءِ
ٽنيل منجهان گاڏِي لنگهي ٿي. پتي چوي ٿو اِستريءَ
کي: متان ڊڄين. مان توسان آهيان.
اَسان مان هڪ هڪ جي اَهڙِي حالت آهي. اُن
اِستريءَ وانگر آهي. اَسان جي گاڏِي بہ ٽنيل منجهان
لنگهڻي آهي، پر اَسان جو پتي، ڪانڌ پتار پريو اُهو هجي
اَسان سان تہ اَسان کي ڊپ آهيئي ڪونہ. مددگار جنهن
جو هريءَ جو نام آهي، اُن کي ڊپ آهيئي ڪونہ. اَوهان
جو سهايڪ ٿيندو نام. تنهن ڪري نام کي چنبڙي پئو.
تنهنڪري سنتن جا پيرا پڪڙيو. پريوءَ جي پيارن کي نہ
ڇڏيو. اَنتڪال ۾ سنت اَچِي مدد ڪندا. هرِي نام کي نہ
وساريو. هرِي نام اَوهان جي سهايتا ڪندو.

هک شکتيِ، هک طاقت. اَهڙيِ کا طاقت هئيِ هن سنت
جي اَکرن ۾، جو هن عملدار جيِ دل وچيِ تو جهپي ۽ هيِ
عملدار- as if under the influence of hypnotism ڍِلن
وڳاڙڻ جو ڪم ڇڏي تو. هيءُ سنت هن کي اُپديش ڏئي
تو ۽ هن کي گر منتر ملي تو. هي وچيِ نام جپي تو. اِهو
عملدار، هن جيِ جيون نئين تيِ پوي تيِ. هن جيِ دل
کليِ پوي تيِ. پيار جو پُتلو تيِ پوي تو. هيِ عملدار سيِن
کي پيو ڏئي مهر جي نهار. هيِ نِرديو عملدار، سو پاڻ
سنت تيِ پوي تو. اِئين آهي. گرمکہ نام جنهن کي ملي
تو، اُن کي پرم منزل ملي تيِ.

اوڳاڙيندو هو ماڻهن کان ۽ سرڪار کي ڏيندو هو. پوءِ اُوهان کي خبر آهي نه ته ڍلون اوڳاڙڻ کهڙو نه خراب ڪم آهي. ويچارو هارِي، ڪو غريب قرض وٺي. پر عملدار چوي ته ڍل ڏي. پوءِ ڪيترا ويچارا هارِي وچِي قرض ڪڍن. ڪيترا ته ڍل ڏيئِي نه سگهن. پوءِ اُهي عملدار ڪيترا نِرديا اَتو. ڪيترن عملدار کي رحم ڪونه آهي. اُهي اُنهن غريبن سان ڪهڙو کهڙو تا ڳالهائين ۽ اُهي عملدار پنهنجي جيون جِي جوت وِڃن جهڪِي ڪندا.

اَهڙو هڪ عملدار، The Tax Collector توهين چوندا، وڏو عهدو؟ پر آ! ڏسو، هن عملدار جي دل ڪهڙِي آهي؟ هن جي دل اَندر ديا ڪانهي، همدردي ڪانهي. ماڻهن کان پئسا چوُسي سرڪار کي ڏئي. اِهو اَتو بيو نالو عملدارن جو، - چوُسيندر. ديا درشتِي گهٽن کي ڪانهي.

اَهڙو هڪ عملدار ويچارو، پاپن ۾ ڪِريل. هڪ سنت هن کي مهر جي نظر سان نهاري تو. هي سياڳو تي پوي تو. جڏهن سنت نهارين مهر ۾، تڏهن چاڙهي چڏين مٿينءَ لهر ۾. نهاري نهاري هن عملدار کي چوي تو: هيِ ڪم ڇڏ تون، وڪارِي ڪم ڇڏ تون. اَچ تون منهنجي پنيان. Follow me ! پوءِ اِهو سنت هن عملدار کي هڪ منتر ڏئي تو. هن سنت جي اَکرن ۾ هڪ جادو هو. ڇا هو؟

ڪم آهي نام جپڻ، نام ڏيائڻ، نام ڳائڻ، نام جي دواران ڪي روح ريجهائڻ. اِهو ڪهڙو نہ سندر ڪم آهي. اِهو اُتم ڪم ڪن ٿا ڀڳت. وري ٻڌو گروجن جا سندر اَکر:

ڀڳت جنا ڪيٰ برتن نام

ڀڳتن جي ورتيِ، ڀڳتن جو ڪم ڪار آهي نام. اَڇو تہ هن تڪ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. پهرين ڳالهہ هيءَ سمجهون تہ ڀڳتن کي ڪم آهي. ڪيترا ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪو ڀڳتيِ ٿو ڪري تہ وقت وينو وڃائي. ڀڳت وقت نٿو وڃائي. ڀڳت وينو اَڪال ڪمائي، اَلکہ ڪمائي. سچو ڀڳت بلڪل سندر نموني ۾ پنهنجو ڪم ڪري ٿو.

ميران اِڪ ڀڳتياڻيِ، ڪرشن جيِ اِڪ ڀڳتياڻيِ ميران ۽ ميران مهاراڻيِ بہ هئيِ. پوءِ ميران جي پتيءَ جا ڪَنَ وچيِ ماڻهو ڀرين ٿا. راجا ـَي چون ٿا:- ”هيءَ ميران وينيِ وقت وڃائي.“ راڻو ميران کي ڪوٺي ٿو ۽ ميران کي چوي ٿو :- ”پياري! مون وٽ ڪيترا ماڻهو پيا اَچن. لوڪ ڪيترا مون کي پيا چون: ميران! تون وقت وينيِ وڃائين. ڀڳتيِ ڪرين ٿيِ ۽ وقت وڃائين ٿيِ.“ اُن وقت ميران ڪهڙو جواب ڏئي ٿي؟ ميران چويٰ ٿيِ:- ”سچيِ ڀڳتيِ آهي شڪتيِ. مان وقت ڪين ٿيِ وڃايان. مان وينيِ شڪتيِ ڪوليان.“

پريوءَ جو ڀڳت وقت نٿو وڃائي، پر سريشٽ ڪم

(٢۴٩)

سريشٽ ڪم، - نام

هينئر شريِ سڪمنيِ صاحب مان نئين پؤڙيِ شروع ٿئي ٿيِ.

يڳت جَنا ڪيُ بَرتن نام
سنت جَنا ڪيُ مَن بِسرام

(اَشٽپديِ ٢: پؤڙيِ ۵)-١

هن پؤڙيءَ جي پهرين تڪ ڇا ٿيِ چوي؟ ''يڳت جَنان ڪيُ برتن نام'' يڳت جنان: يڳت، جي پريوءُ جا يڳت آهن. بَرتن معنيٰ ورتيِ. پريوءَ جي يڳتن جيِ ورتيِ، ڏنڊو؛ يڳت جيِ ڪرت ڪهڙيِ آهي؟

اَسان مان هڪ هڪ کي ڪو نہ ڪو ڪم ڪار آهي،- ڪنهن کي کيتيءَ جو ڪم، ڪنهن کي واپار جو ڪم، ڪنهن کي پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم، ڪنهن کي رڌڻ جو ڪم.

يڳتن کي ڪم ڪين آهي ڇا؟ يڳت سُست ڪين آهن. اُنهن کي بہ پنهنجو ڏنڊو وهنوار آهي. يڳتن جو ڪم ڪار ڪهڙو آهي؟ نام. ڪمن جو ڪم آهي نام. سريشٽ

اهوڪار ماڻهو نہ فقط نرديو آهي، پر هن جي نظر ناپاڪ
هي. ربيئا تہ ڪيترين offers موٽايون هيون، پر ربيئا
چيو تہ مون دل ڏني آهي سائينءَ کي، سو سڀن کي موٽايو
و ربيئا. اُتي جي گورنر جي پٽ جي مرضي هئي تہ مان
بيئا سان شادي ڪريان ۽ هڪ لک رپيا ڏيڻ بہ قبول ڪيائين.
ر ربيئا چيو تہ مان غريب ٿي رهنديس ۽ سائينءَ جي
ينديس. هن شاهوڪار جي هٿن ۾ ويچاري ربيئا اَچي
وي ٿي.

ربيئا هڪ ڏينهن رات جي اونده ۾ ڀڄي ٿي.
ونده، اونده، ويچاري ٿابو کائي ٿي، ڪري پوي ٿي ۽
سندس سڄو هٿ ڀڄي پوي ٿو. اُن وقت بہ هيءَ نام نٿي
وساري. زمين تي سر جهڪائي بندگي ڪري ٿي. کهڙا نہ
سندر اَکر چوي ٿي: ”منهنجا مالڪ! منهنجا ساجن! هٿ
ڀڄي تہ پل ڀڄي، پر منهنجي دل شل هميشه ڀڄي، ڀِنل
رهي. تنهنجو نام نہ وساريان!“

سڄي عمر ربيئا پريوءَ جي نام جپڻ ۾ خرچ ڪئي.
ربيئا جا گيت، ربيئا جا راڳ نہ اَوهين ٻڌو، اَوهان جي دل
کي ڏوڏو اَچي وڃي. ڀڳتياڻي ربيئا! ربيئا سمجهي هيءَ
ڳالهہ: ”ڀڳت جنان ڪئي برتن نام“. هيءَ پريوءَ جي پياري
جهوپڙيءَ ۾ رهي، غريب ٿي رهي پر پنهنجو وقت خرچ
ڪيائين پريوءَ جي نام جپڻ ۾. اُها ڪِرت آهي ڀڳتن جي.

ڪري ٿو. نام جپڻ آهي هڪ اُتم ڪم. نام جپڻ کي فق
ڪوٺين، صوفي ساهتيہ ۾ چون ”ذڪر“ نام جپڻ جا آهي
فقير چون ٿا:- نام جپڻ آهي هڪ ڳالهہ گهرڻ،-فضل. اَ
کان فضل گهرڻ. سائين! ڪرپا ڪر، فضل ڪر! نام جپ
وقت وڃائڻ ڪونهي.

مون کي خبر ناهي تہ توهان هڪ ٻيءَ ڀڳتياڻي
جو نالو ٻڌو آهي يا نہ. ميران ڀڳتياڻي راجپوتڻ هئي.
جو جنم ڀارت ۾ ٿيو. پر ڀارت کان ٻاهر اِيران ۾ ه
ڀڳتياڻيءَ جو جنم ٿيو. اُن جو نالو ربيعا. ربيعا ٻالڪپ
کي ڪيڏي نہ سونهن آهي. ميران جو جنم ٿيو راجا ج
گهر ۽ ربيعا جو جنم ٿيو هڪ غريب ، گهر. جئن ربيعا ج
عمر وڃي وڌندي، تئن سونهن ۾ وڃي وڌندي. ٿوري وق
۾ ربيعا جي سونهن جي هاڪ پکڙجي ويئي. رابيعا کي س
پيءُ گهڻو پيار ڪن ٿا، پر گذر ڪري وڃن ٿا. ربيعا ه
مائٽ وٽ رهي ٿي. پر اُهو مائٽ گهڻو وقت ربيعا کي ن
رهائي. چوي ٿو:- منهنجو خرچ پيو ٿئي. سو ربيعا ک
هڪ شاهوڪار وٽ وڪڻي ٿو ۽ ڪيترا هزار ڪمائي ٿ
ربيعا اُتي ڪم ڪري ٿي. ربيعا ڏسي ٿي تہ هي شاهوڪ
نرديو آهي. سخت ڪم هن کان روز روز وٺي ٿو. پر هي
سڀ سهي ٿي صبر ۾. هيءَ پريوءَ جي ڀڳتياڻي آهي.

هڪ ڏينهن هن ربيعا کي خبر پوي ٿي تہ هي

(۴)چوٿين نشاني ڪهڙي؟ ڏکين جي شيوا، پر نماڻو ٿي، گوڙ شور ڪان پري. ڪيترا دفعا لوڪن جي شيوا ڪندو. ٻئي کي خبر ڪين پوندي. ڦڙ ڦڙ ڪانسواءِ شيوا ڪري ٿو. Silent service ,humble service سنت ڪيترا دفعا پاڻ کي لڪائين، پر پڌرا ٿي پون. نماڻا ٿي شيوا ڪن.

(۵) پنجين نشاني ڪهڙي؟ God Consciousness. سنت اُهو، جنهن جي هردي اَندر هيءَ پروڙ آهي ته سائين آهي هر مڪان. جڏهن ڏيکنا هوُن، اُڌر تونهين تون! سنت سچو رهي ٿو پريوءَ ۾. اَسين رهون ٿا هوا ۾، ether ۾. سچي سنت جو ether آهي پريو. سچو سنت پريوءَ ۾ لولين، پريوءَ ۾ پاڻ کي وڃائي.

اِهي پنج نشانيون اَٿو سچي سنت جون. سنت جي چت شانتيءَ جو ڪارڻ آهي نام. اَهڙو نام شل توهين نه وساريو. اَهڙو نام، جو سنتن جي جيون جو وشرام آهي، اَهڙو نام شل توهين نه وساريو!

نام جپين، نام جپائين.

''سنت جَنا کئي من بسرام'' (۲-۵-۱)

سنت جنا معنيٰ سنت. سنتن جي من جو بسرام، آرام آهي نام. آرام معنيٰ شانتيِ، چِت شانتيِ. سنت ڪير؟ جو چت شانتيِ پائي تو نام ۾، جو نام وٽيِ چت شانتيِ پراپت ڪري تو.

سنت اَکر جيِ معنيٰ خبر اَتو ڇا آهي؟ ٻئت جيِ معنيٰ ڇا آهي؟ ٻئت اَکر جيِ معنيٰ آهي، جنهن جيِ دل ٻئل آهي سک سوز ۾، جنهن جيِ دل ٻئل آهي درد فراق ۾. ۽ سنت اَکر جيِ ٻيِ معنيٰ آهي: س+ اَنت، جو اَندر وڃي، اَندر جي اونهائيءَ ۾ وڃيِ پرم پدارت حاصل ڪري. اُن خزاني جو نالو چت شانتيِ. اِها چت شانتيِ اَچي ٿيِ اُن سڀاڳيِ ڪي، جنهن ڪي نام اَچي تو.

سنتن جون ڪي نشانيون آهن:-

(۱) پهرين نشانيِ سچي سنت جيِ ڇا آهي؟ پيار، پريم جيِ مورتيِ آهي.

(۲) ٻيِ نشانيِ ديا. جت ڏسندو دک آهي، جت ڏسندو تڪليف آهي، اُت ديا درشٽيِ ڪندو.

(۳) ٽين نشانيِ سنت جيِ ڪهڙيِ؟ سانت واسطي پيار. اَندر وڃي تو، سانت ۾ وهي تو ۽ هڪ ڏينهن سنت ٿيِ پوي تو.

مون کي اَکر چيا ۽ پنھنجي اَکرن ۾ مون ھن ڳالھہ تي
زور رکيو تہ اَسين شل داس ٿيون. اُن وقت ھڪ ودوان ڀاءُ
چيو؟ ھن پياري ڀاءُ منھنجي چند کڍي. چيائين:
فلاڻي وري چيو تہ داس ٿيو. داس نہ ٿيو نوڪر نہ
ٿيو. ھن ڀاءُ چيو تہ اِھا پياس تہ داس ٿجي، اِھا پياس
غلط آھي. مون ھن ڀاءُ کي ڪجھہ ڪين چيو. مان رھيس
سانت ۾، پر مون دل ۾ چيو: داس اَکر جي معنيٰ ٻي
آھي. داس معنيٰ سو، جنھن کي سروپ جو درشن ملي،
جو پنھنجي آتما جو درشن پائي. اِھا پياس منھنجي ويچار
موجب سندر پياس آھي. ھن سٽ ۾ گروجن چون ٿا:-

”ھر ڪا نام داس جي اوٽ“ (٢-۵-٢)

نام جو نوڪر جو ٿئي ٿو، خدمتگار جو ٿئي ٿو.
ستگر جي دربار جو، اُن کي آتما جي پروڙ پوي ٿي.
گروجن جون ٿا: اَھڙو پريوءَ جو پيارو داس، جڏھن مشڪلات
۾ اَچي، تڏھن اُن جي اوٽ آھي نام،- پريوءَ جو نام! اُن
جو اوٽ آڌار آھي ھريءَ جو نالو.

اَھڙا سچا شيوڪ، خدمتگار اَسان جي ڏينھن ۾ بہ
ٿيا آھن. ھڪ اَھڙي داس جي يادگيري ھن وقت مون کي
اَچي ٿي. سندس نالو ھو راڌا ڪرشن، پر پاڻ کي ڪوٺيندو
ھو داس. اَمير ھو، ھڪ وڏو سيٺيو، شاھوڪار ھو، پر سندس
دل جي اَندر ھي ويچار تہ شل مان سائينءَ جو خدمتگار

(٢٥٠)

نام جي مهما

هنن ٻن سٽن ڪانپوءِ جنهنجو ذڪر اڳئين باب ۾
ڪيو اٿم، ٻيون سٽون اَچن ٿيون.

هَرِ ڪا نام داسَ ڪي اوٽَ (٢-٥-٢)

ٿين ست ڦرين ٻن سٽن ڪانپوءِ اَچو ته اُن ڪي
سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. اِنهيءَ ست جي اَکرِ معنيٰ
چا آهي؟ ''هر ڪا نام''، هريءَ جو نام، ''اوٽ'' معنيٰ
آسرو. مشڪلات ۾، تڪليف ۾ آسرو. هريءَ جو نالو مشڪلات
۾ آهي داس جو آڌار.

داس اَکر جي معنيٰ چا آهي؟ هيِ اَکر سنسڪرت
اَکر آهي ۽ هن اَکر جون ٻه معنائون آهن،- شيوڪ، خدمتگار.
داس معنيٰ شيوڪ. خدمتگار ۽ ٻيِ معنيٰ داس اَکر جي چا
آهي؟ داس اُهو، جنهن کي پروڙ اَچي، جنهن کي ڄاڻ
پوي، جنهن کي خبر پوي، جو پنهنجو سروپ پڇاڻي ته
آتما چا آهي؟ داس اَکر جي ٻيِ معنيٰ جيڪر توهين نه
وساريو. هيءَ ٻيِ معنيٰ، اُن جو ويچار اَڪثر گهٽا نٿا ڪن.
مون کي خبر آهي، هڪ دفعي هڪ سيا جي اَڳيان

ن جو سندس وقت آيو. هڪ هڪ کي هلڻو آهي. هڪ ڏينهن
جي تو پنهنجي گهر. پنهنجي اِستريءَ کي چوي ٿو: ”ٽن
ينهن ڪانپوءِ مان ويندس پنهنجي گهر.“ هن پياري جو گهر ته
و پرم ڌام، پريوءَ جي چرنن ۾.

سندس اِستريِ وائڙيِ ٿيِ وڃي ٿيِ. ڊاڪٽر گهرائين
. هيِ تندرست آهي، پر پيارو پيو چوي ته ٽن ڏينهن ۾ ويندس
نهنجي گهر. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ هيِ پيارو چوي ٿو: مون کي پاٽ
ڪري ٻڌايو. ڀاڳوت ٻڌي ٿو، گيتا ٻڌي ٿو ۽ اُن رات جو چوي
و: مان ١١ بجي ويندس پنهنجي گهر. دک نه ڪجو.

سندس مٽن مائٽن کي خبر پوي ٿيِ. اَٽڪل ١٠٠
اڻهو اَچيِ ڪنا ٿين ٿا. تن کي چوي ٿو: پيارا! مون کي
سيس ڏيو. پوءِ منتر اُچاري ٿو. اُهو منتر، جو هوُ روز
چاريندو هو: ”شري ڪرشن شرڻم ممه!“ اِهو منتر وريِ
ريِ پيو اُچاري. گيتا جي شاسترن جو پاٺ پيو ٻڌي. ساڍا
، لڳا آهن. ڊاڪٽر چوي ٿو: هيِ نه چڱو ڀلو آهي، پر
اس چوي پيو ته مان ١١ بجي ويندس. وري وريِ پيو
منتر اُچاري، گيتا جا شلوڪ پيو ٻڌي. هينئر ڪيترا منٽ
گذري وڃن ٿا. باقيِ ١٥ منٽ. پوءِ چوي ٿو: شيام! شريِ
ڪرشن! اَڃا گهڻو وقت ترسائيندي؟ اَچ تون منهنجي
اَندر: تصوير منجهان نڪريِ اَچيِ مون کي جهپ. پوءِ ٣-
٤ منٽ مس آهن ٻارهن ۾. هيِ پيارو پنهنجو سِر جهڪائي

ٿيا ن. هن پياري جو مرتيو ٿيو، تنهن کي ٿورا سال ٿيا.
عجيب اِنسان هو. پنهنجي پاٺ پوڄا ڪري پوءِ ويندو هو
ڪونيءَ تي. پيو هن جو نيم هو، ڪو بہ غريب ياءُ پيڻ
هٿين خالي ڪين ويندو هو. سندس ڪونيءَ تي ڪم ڪندا
هئا ڪيترا ماڻهو. بنا وياج هنن کي پئسا ڏيندو هو. چوندو
هون، پنهنجي سهوليت تي پئسا موٽائجو. گرهستي هو.
سنجم ۾ هلندو هو. جيڪي بچندو هوس، سو غريبن دکين
جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ ڳوٺ ۾ وڃي ٿو ۽ ڪيس لنگهڻو آهي
جهنگل مان. پاڻ ڏبي گاڏيءَ ۾ چڙهي ٿو. وات تي ڪي ڌاڙيل
اَچن ٿا. بندوقن جا نڪاوَ بڌي ٿو. اُٿي ٿو. بہ ڌاڙو سندس اَکين
اَڳيان بينا آهن. هي تہ پراُپڪاري هڪ داس پرپوءَ جو پيارو
هو: ڌاڙو ہن جو منهن ڏسن ٿا. چون ٿا: هي تہ سيٺ پاڻ آهي.
هن جي وار جو نالو بہ ونگو نہ ٿئي. پڇي وڃن ٿا ۽ سيٺ پاڻ چا
تو ڪري؟ سيٺ اُنهن جي پنيان گاڏي هلائيندو پيو وڃي ۽ چوين
ٿو:- ”ياڳو نهين! ڪڇ تہ ليڪي جائو!“ وري وري اِئين پيو
پڪاري. پر هي ڌاڙو شرمندا پيا ڊوڙون پائين. پوءِ خبر اَٿو.
هي سينيو چا تو ڪري؟ بہ سؤ رپيا ڳوٿڙيءَ ۾ وجهي ڌاڙن کي
چوي ٿو: هن وڻ وٽ مان هيءَ ڳوٿڙي ڇڏي ٿو وڃان اَوهان لاءِ.
ضرور ڪڻجو. اِن مان ڏيکاري ٿو تہ داس جو سياو کهڙو نہ منو.

اِئين سال هن داس خرچ ڪيا خدمت ۾، شيوا ۾.

ٿهن جو اُڌار نام ڪري ٿو. اِها ڳالهہ ڪيتري قدر سچي
ي، تنهن جي اِڪ ثابتي اَٿو شري چئتنيہ جي جيون
رتر ۾. جڏهن شري چئتنيہ بنگہ ديس ۾ آيو، پنهنجو
از اُڻاريو ۽ هري بول! جو منتر لوڪن کي ڏنو،
نگہ ديش ۾ اِڪ نئين لهر آئي. شرابي، چور، ڊاڪو،
ڪاندار، آفيس وارا، پائر پينر، تن جي جيون نئين ٿي
يئي. شري چئتنيہ هري بول جو ڪيرتن ڪندو هو. اِن
ڪيرتن جي لهر ۾ ڪيترن جون دليون صاف ٿيون. هري
م ڪيترن جو اُڌار ڪيو. ڪيترن جي جيون نئين ٿي
يئي.

گروجن جا جيون چرتر پڙهو. ڏسو، ڪئن نہ ڳوٺ
يان ڳوٺ نوان ٿي پيا. هري نام اُچارڻ ڪري ڪيترن
ي جيون نئين ٿي پيئي، سِکن جي جيون نئين ٿي
ئي. مان پنجاب ۾ ڪي ڳوٺ ڏسي آيو آهيان. اَجا تائين
هن ڳوناٽن کي حد پيار هري ڪيرتن واسني. ستسنگہ
سويل صبوح جو ٦ بجي اَچي شامل ٿيندا هئا. ڪيڏو نہ
ساهہ هو اُنهن کي هري نام واسطي. گروجن چون ٿا:

هر ڪيءِ نام اُڌري جن ڪوٽ (٢-٥-٢)

ڪروڙين ماڻهو نوان ٿي پون ٿا هري نام جي
ڪتيءَ ۾.

تو تصوير ۾. پوري ۱ ابجي هي پيارو پنهنجا پران ڏئي تو
وچڻ کان اڳي هيءُ هڪ ڳالهه چئي ويو پنهنجي
اِستريءَ کي، ٻارن ٻچن کي، متن مائٽن کي ته مان وڃان، اُ
کان ۵۰ منٽ پوءِ متان ڪو رودن ڪري، متان ڪو ڳوڙهه
ڳاري. هن چيو: اِهي ۵۰ منٽ منتر اُچارجو:

هري رام هري رام، رام رام هري هري!
هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرش ڪرشن هري هري!

۱۰۰ ماڻهن اِن منتر جي ڌن لڳائي. سيني گڏجي
گڏجي ڌن مچائي:

هري رام هري رام، رام رام هري هري!
هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرش ڪرشن هري هري!

هن پياري پنهنجي ملڪيت جو هڪ حصو اِستري
۽ ٻارن واسطي رکيو. ٻيو سڀ ڪجهه هن اَرپن ڪيو غريبن
جي شيوا ۾. آسيس ورتائين، شيام جي آسيس وٺي
پنهنجي ڌام ۾ ويو.

هن داس جي اوٽ، آسرو هو نام. پنهنجي گرديو ۾
لولين ٿي ويو.

هر ڪا نام داس ڪي اوٽ،
اُن ڪانپوءِ اَچي ٿي ٻي ٽُڪ:
هَر ڪيءِ نام اُڌري جَن ڪوٽ (۲-۵-۲)
جَن معنيٰ ماڻهو. ڪوٽ معنيٰ ڪروڙين. ڪروڙين

اِهو اَڪر پرڀوءَ جي پيارن کي مليل آهي. پر مهاتما گانڌيءَ اِهو نالو ڏنو ڀنگين کي. مهاتما گانڌي اَسان کي سيکارڻ ٿو چاهي تہ اِهي ڀنگي، جن کي اَسان آهي ستايو، اُهي اَٿو پرڀوءَ جا پيارا. جو دکي آهي، اُن دکيءَ جي اَندر اَچي ٿو سائين چمڪي. اُهي اَڇوت آهن هريجن، هريءَ جا جَن، هريءَ جا پيارا، تن جي شيوا ڪريو، تن جي آسيس پايو.

گروجن چون ٿا: جيڪي هريجن آهن سنت سچا، پرڀوءَ جا پيارا، اُنهن سنتن جو نڌان، خزانو آهي نام. اَسين ٻوڙون پيا پايون سنسار جي مان شان ڏي، پر هي سنت سچا، تن جو خزانو، تن جو توشو آهي هري نام.

پاربرهم جن ڪينو دان (۲-۵-۴)

پار برهم يعني پرڀوءَ جَن. اُنهن پيارن کي، گروجن چون ٿا: پرڀوءَ پنهنجي نام جي بخشيش ڏني آهي. پرڀوءَ جا پيارا چون: سائين! خزانو ڏي. اَسان کي دنيا جو پدارٿ کپي ڪين، پر نام ٻو خزانو گهرن. اُنهن پنهنجن ڀڳتن کي ڏئي ٿو پريو بخشيش خزانو. اُن خزاني جو نالو، هري نام. اُهو پرم پدارٿ، اُن جو ڀنڊار سنتن وٽ آهي، ڀرپور ڀنڊار. اُنهيءَ ڀرپور ڀنڊار مان سنت بہ پيا ڏين. ٽڪجن ڪين. ونڻ وارا ٽڪجي پون.

پوءِ اَچي ٿو ٻچاڙيءَ جو پد، جو بہ هڪ عجيب پد آهي.

من تن نام رتي رنگہ ايڪيءِ (۲-۵-۵)

(۲۵۱)

اَنتر مکي

هَر جَسُ کَرت سنت دِن رات (۲-۵-۳)

هر جس معنيٰ هريءَ جو جس. نام جو جس ڳائين ت

کير؟ سنت سچا. ڏينهن رات وينا نام جو جس ڳائين. متا

سمجهو تہ سنت وينا وقت وڃائين. عجيب لهرون (vibrations

اُتارين ٿا، جي سڄي شهر کي نرمل ڪن ٿيون.

هَر هَر اَؤکد ساڌ کَماتِ (۲-۵-۳)

ساڌ معنيٰ سچا ساڌو. پريوءَ جا پيارا، گروجن چون ٿا

آهن سچا حڪيم. هن دنيا ۾ دکہ ڪيڏو نہ آهہ. اُنهن حڪيمن

کي هڪ دوا آهي. اُها ڏين پيا. اُهي ساڌ، اُهي سچا ساڌو، پريو

جا پيارا، سچا حڪيم، ڊاڪٽر ٿي پيا دوا ڏين. اؤکد معنيٰ دوا

پريوءَ جي پيارن جو اؤکد ڇا آهي؟ هري نام. اُها دوا پيا ڪمائين.

اُها دوا پيا ڏين. پريوءَ جا پيارا شهرن، ءِ ڳوٺن ۾ وچ بزار کولين ٿ

دواخانو ءِ ڏين ٿا دوا. اُها دوا ڪهڙي؟ هري نام.

هَر جَن ڪيءِ هَر نام نِڌان (۲-۵-۴)

اجڪلهہ اِهو اَکر هريجن ڪم اَچي ٿو. اَسان جي

پوُجيہ مهاتما گانڌيءَ اِهو اَکر سنت ٻاٽيءَ مان ورتو آهي.

نماڻو. اَسين معمولي ماڻھو ڪم ڪريون، اَسين شيوا ڪريون، اَسين شپ ڪارج ڪريون، پر ڏسو اَسان کي ڪپي power. اَسان کي طاقت ڪپي، حڪمراني ڪپي. معمولي ماڻھوءَ جي جيون اِئين آهي. پئسو بہ خرچ ڪندو power واسطي، پر سنت سچو، اُن جي نشاني ڪھڙي؟ اُن کيpower ڪپي ڪين. اُن کي چئو تہ سائين! اَچي leader ٿيو. ھوُ چوندو: مان خذمتگار. سنت سچو نماڻو. ڪيترا بہ ڪٽي ڪيس مڇين تہ بہ دين، نماڻو. اِھا ٻي نشاني.

(٣) نشاني سچي سنت جي آهي سمرن. نام پيو جپي، نام پيو جپائي. نام جي رنگ ۾ رتل آهي. نام جي اُچارڻ ۾ پاڻ کي وساري ڇڏي ٿو. روز روز پريوءَ جو پيارو سنت سچو نام سمرن ۾ رھي ٿو.

(٤) نشاني سنت جي ڪھڙي؟ شيوا.- دکين جي شيوا. سنت سچي کي ديا درشٽي آهي. وجي خذمت ڪري. غريبن جي شيوا، بيمارن جي شيوا. لوڪن ڪان لڪائي ڪري شيوا. ڏيان ۾ ڪري شيوا. غريبن دکين کي ڏيان ۾ آسيس موڪلي. پکين جي شيوا، گھوڙن جي شيوا، پسن جي شيوا. سنت سچو ڪنھن جو دک سھي ڪين سگھي. جنھن کي مدد ڪري سگھي، اُن کي ڪري. پاڻ کي دکين واسطي قربان ڪري.

اِھي چار نشانيون سچي سنت جون آھن. ۽ ھن

من-اُنهن پيارن جو من، تن - سرير. اُنهن پيارن جو من ۽ تن هڪ ئي رنگ ۾ رتل آهي. هڪ رنگ. هڪ پرسڌ پرش کان پڇيائون: What is genius اُن جواب ڏنو: Fixed thought. هڪ ويچار. اَسان جا ويچار ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن. هڪ ويچار، هڪ idea آهي پريوءَ جي پيارن جو ۽ ڏسندا ته جي چريا آهن، مستانا آهن، تن کي هڪ ويچار ۽ سنت به روحاني دنيا ۾ چريا آهن. سنت ڪير؟ جي مستانا. سنت ڪير؟ جن چڏي آهي هستي، جن ورتي آهي مستي. ڇڏي هستي، پائين مستي. هڪ رنگ ۾ رتل. پريوءَ جا پيارا هڪ رنگ ۾ رتل آهن. Genius and Insanity. اِن تي هڪ ماڻهوءَ ڪتاب لکيو. اُن ۾ ڏيکاري ٿو ته جو genius آهي ۽ جو چريو آهي، اُنهن جي جيون هڪ ويچار ۾ بَڌل آهي. سنت سچا، گروجن چون ٿا، تن جي جيون هڪ رنگ ۾ بڌل آهي. اُهو رنگ ڪهڙو؟ هريءَ جو رنگ. اوُنت بئنت اُن جو نام ڌيائين، اُن جو نام ڳائين.

نانڪ جَن ڪيءِ بِرت ببڪيِ. (۲-۵-۵)

اِن پڇاڙيءَ جي پد ۾ گروجن ويچار ڏين ٿا. سنت اَنتر مُکه رهي ٿو. سنت وچي ٿو دل جي اَندر. سانت ۾ رهي ٿو. سانت واسطي سنت کي پيار. Inner life واسطي سنت کي پيار آهي. سنت اَنترمکي آهي. اَسين باهرمکي، ڪٿي نه ڪٿي پيا ڊوڙون پايون.

(۱) نشاني اَنترمکتا. (۲) نشاني دينتا. سنت سچو

(٢٥٢)

مستانا

هن ٢ اَشٽپديءَ جي پؤڙي ٥ جي پڇاڙيءَ جي پد
جو ويچار اَسين وڏيڪ رکيون.

من تن رنگہ رتي رنگہ ايڪئي (٢-٥-٥)

اَهڙي سياڻي جو من ۽ تن اِڪ رنگہ ۾ رتل آهہ.
اَهڙو سياڻو هڪ رنگہ ۾ رتل رهي ٿو. اَهڙي سياڻي کي
دنيا سمجهي ڪين. دنيا اُن کي ڪوٺي مستانو. بيشڪ،
اَهڙي پياري کي نام نشو آهي. اِن نشي ۾ اوُ ديوانو آهہ.

جئن پوترتا اِستريِ اِڪ پنهنجي پتيءَ جي ويچار
۾، جو ٻاهر ويو آهي، ڪيڏي مهل موٽندو، اُن لئہ رڏيان.
ڏينهن رات پوتر اِستريِ رهي ٿي پنهنجي پتيءَ جي
ڌيان ۾، تئن هي پريوءَ جو پيارو رهي ٿو اِڪ رنگہ ۾، اِڪ
ڌيان ۾ مستانو. گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ اَهڙي جو ذکر
ڪهڙن ۾ ڪن ٿا:-

تب ديوانا جانيئي، جب صاحب ڌريئي پيار!
اِڪ سائينءَ جي پيار ۾ ديوانا آهن. گرو نانڪ ديو

پڇاڙيءَ جي پد ۾ گروجن اِنهن چئن نشانين جو ذڪر ڪن ٿا. من تن سنتن جو رتل اِڪ رام رنگ ۾. توهين ڪنهن سنت جو سرير ويهي ڏسو. آسان جي سرير ۾ اُن سنت جي سرير جو روپ بيو. اُن جي مُک ڏي نهاريو. عجب لڳندو توهان کي. اکيون ڪڏهن کولي، ڪڏهن بند ئي بند. آفيم نہ ڪين ورتو اَٿس؟ ها! نشو ورتو اَٿس، نشو اِڪ نام جو. سنت سچا نشئي آهن. Intoxicatod آهن سنت. اِهي پريوءَ جا پيارا، تن کي آهي نشو. نام جو نشو. پنڌ ڪرڻ ويندو ڪٿي پريوءَ جو پيارو. سندس پير ڪٿي نہ ڪٿي کسڪي وڃي. اِن ڪري پريوءَ جي پيارن کي اَڪيلو گهمڻ ڏين ڪين. اَهڙا ڪي موقعا ٿيا آهن، ڪيترا accidents نہ ٿيا آهن پريوءَ جي پيارن جا، جي ڪِري پون. هڪ رنگ ۾ سندن جيون رتل آهي.

شري چئتنيہ هڪ سنت مهاپريو، The great master. شري چئتنيہ نہ ويندو هو بزار ۾ ڪڏهن گليءَ ۾ گهمڻ، گهٽيءَ ۾ ڪِري پوندو هو. پوءِ ڪو نہ ڪو وڃي هن کي بيهوشيءَ مان اُٿاريندو هو. پيرن تي پٿر لڳندا هئس. ڪڏهن رت پيو هن جي سير مان نڪرندو هو. چئتنيہ جو سرير نرمل ڪومل، جئن اِڪ گُل ۽ پٿر لڳندو هوس تہ رت نڪرِي ايندو هوس. سنتن جو من، رتل اِڪ رنگ ۾.

نهنجي پريتم کي، نئڙت ۾. پنهنجي هلت چلت ٻڌي
و پريوءَ جي سمرن ۾.

اَهڙي پريوءَ جي پياريَ جي وِرتي وويک ۾ آهي،
سُمت ۾ آهي، آتم گيان ۾ آهي. تنهنکري اَهڙو پريوءَ
جو پيارو دينتا ۾ رهي ٿو.

هت گروجن اِشارو ڪن ٿا تہ رام سمرن واسطي
توهين جهنگل ۾ ڇو ٿا وڃو؟ اَهڙو پيارو ڀٽڪي نٿو. گهر ۾
رهي ٿو، فرض پالن ڪري ٿو، روز روز ڪم ڪار ڪري ٿو
۽ هي پريوءَ جو پيارو اوتي ٿو جوت. سُمت اَهڙي پياري
کي آهي. جهنگلن ۾ پهاڙن تي نٿو وڃي. گرو نانڪ ديو
جن جو کهڙو نہ سندر شبد آهي:

”ڪاهي ري بَن کوجت جاءِ!“

تون بَن ۾ ڇو ٿو وڃين کوجنا ڪرڻ. کوجنا ڪر
پنهنجي اَندر. مکان ڇو ٿو ڇڏين؟ گهر جي ڪنڌ ۾ ويهي
اَندر کوج. هڪ ڏينهن توکي پريو ملندو. هت اشٽپدي ٢
جي پنجين پؤڙي پوري ٿئي ٿي.

جن اِهي اَکر چون ٿا. پاڻ کي اُهو ديوانو سمجهي ٿو. پا
۾ غلطيون قصور ڏسي ٿو. مان مندو آهيان، شل سائين
کي قبول پوان!

مندا جان آپ کو، ڀلا سمجهي سنسار!

اَسان جي حالت اُبتي آهي. اَسين ٻين ۾ قصو
ڏسون. پاڻ کي سمجهون اَسين ٻي ڏوهي. پر جو پريوءَ ج
پيارو آهي، سو ديوانو آهي. اُهو پاڻ کي چوي: مان مندو
ٻين جا قصور ڏسيئي ڪين. چوي: ٻيو سڄو سنسار ڀل
آهي. گروجن چون ٿا: اِها منزل مستاني جي وڏي آهي.

نانڪ جَن کي بِرت ٻبيڪيءَ! (٢-٥-٥)

گرو اَرجن ديو جن چون ٿا: اُهي جَنَ، اُهي پيارا
اُهي سچا ڀڳت،- بِرت معنيٰ وِرتي،- اُنهن جي ورتي ٻ
آهي، مستانا، ديوانا، اِڪ رام رنگ ۾ رَتل. ڪم ڪن ٿا
اُنهن جو ڪم ڪار ڪهڙو؟ ”ٻبيڪيءَ“ معنيٰ! وويڪ. اُنهن
جو ڪم ڪار وويڪ ۾ آهي، سُمت ۾. وويڪي اِسان سُمت
وارو آهي. اَسان جي هلت چلت دُرمتيءَ ۾ آهي. پر ج
پريوءَ جو پيارو آهي، اُن جي هلت چلت سُمت ۾ آهي
اَهڙو پريوءَ جو پيارو ڪم ڪري ٿو، پر سُمت ۾. اُن ج
ڪم ڪار آهي شيوا. اُن شيوا ۾ سُمت آهي. اُن جي شيو
آهي سُمت ۾ ۽ گيان ۾ ۽ سچو گيان آهي نئڙت ۾.جو
پريوءَ جو سمرن ڪري ٿو، دل جي اَندر رکي ٿو ياد

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلهہ پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافِي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو بہ پاءُ يا پيڻ هن شپ ڪاريہ ۾، ڊونيشن جي روُپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌن ڪين آهي.

جنهن بہ گهر ۾ سنتن جي ٻاڻِي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿِي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار پرپوُر ڪري ٿو . شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جِي آسيس چمڪِي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿِي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَنري آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَئڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهہ هن ريت آهن:

For Foreign: (By Air)	For India
Yearly Subscription $10 USD	Yearly Subscription Rs. 30/-
Life Membership $ 200 USD	For Four Years Rs. 100/-
	Life Membership Rs. 1000/-

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1. ✆ : 26050755

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

۱. شري جپ صاحب اُپديش (ني ياڱا:۸۵۸ پيج)	۱۰۰ رپيا
۲. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	۴۰ رپيا
۳. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	۳۰ رپيا
۴. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	۲۵ رپيا
۵. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	۲۵ رپيا
۶. نوُرِي باڻِي (پڪي جلد سان)	۳۰ رپيا
۷. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	۸۰ رپيا
۸. پارت جي نوُنرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	۱۰ رپيا
۹. موت: اننت جو دئار	۱۰ رپيا
۱۰. ٻگڙي بناني والا	۱۰ رپيا
۱۱. حاضران حضوِر	۱۰ رپيا
۱۲. مکڙيون	۱۵ رپيا
۱۳ فقير فرانسز	۱۰ رپيا
۱۴. ڦرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سکن تا	۱۵ رپيا
۱۵. ميران مستاني	۱۰ رپيا
۱۶. نوُريءَ سان گفتگو	۱۵ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻيِ لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).